Raf

دِل وَ دُنيا

ڏسو رَفيق جي غزَل کي، عاشِق جي نَظر سان
نہ ڏِسو سَندسِ غزَل کي، حاسِدَ جي نَظر سان



- ايم. رفيق





R-5(117)

دل و دنيا

000037

هر گيت منهنجو، اُڏامي ٿو پر ڪٽي،
شل شاعري هيءَ رفيق جي منزل بڻي پوي.

- ايم. رفيق

(ليکڪ جا سڀ حق واسطا قائم)
(All rights reserved by author)

ڪريجا پبلشنگ هائوس
اي ۴۱/۲۴۵، نوان بلاڪ، الهاسنگر - ۰۰۵ ۴۲۱.
فون: ۵۲ ۶۰ ۲۶

ٻه اکر - دوست جي قلم مان......



مان شعر جو ڄاڻو نه آهيان، پر شعر جو سواد وٺڻ ايندو اٿم.

”سنڌو“ منهنجو ننڍپڻ جو يار آهي. گڏجي پڙهياسين (سنڌ) اسانجو جنم استان آهي. اتي گڏ پڙهياسين، گڏ کيڏياسين. هتي سنڌونگر ۾ به اها سنگت قائم رهي.

(ايم. رفيق)

ياد اٿم ته ڪيئن نه هن وديارٿي جيون ۾ (سنڌ ۾) ئي ننڍڙن قدمن سان شعر لکڻ جي شروعات ڪئي هئي ۽ ٿوري وقت ۾ ئي هن ان ۾ پختگي حاصل ڪئي هئي.

”بيوس“، ”دکايل“ ۽ ”دلگير“ جي نقش قدمن تي هلندي، هن پنهنجي اڳ ڏني اُستاد سائين بيوس وٽ رهنمائيءَ جي درخواست وڌي، جنهن جي قبول سروپ کيس سائينءَ جي آشيرواد حاصل ٿي.

سنڌس شعر سنڌ ۾ آدرشواد ۽ هتي ڀارت ۾ ترقي پسند دور مان گذريو. پر آخر دنيا جي انهن وادن ووادن کان منهن موڙي هن پنهنجي سنگرن جي چونڊ جي شون ورتي. ان ڪاڻ هو بلڪل ماٺ ٿي ويو.

عجب جي ڳالهه آهي ته اٽڪل سال کن کان سنڌس شاعريءَ جو سڪل چشمو وري ڦٽي نڪتو آهي ۽ اڄڪلهه هو ڌارا پرواهه ڪوتا لکي رهيو آهي. شعر جي لڳ ڀڳ هر

DIL-O-DUNIYA

Poet : M. J. Ramchandani (M. RAFIQ)
Satyam-A Apartment, 2nd Floor
Ulhasnagar-421 002.
Phone 548474

Cover Design : Lachman U. Kukreja

Published by : Bhagwanti L. Kukreja
Kukreja Publishing House
B 41/245, New Blocks,
Ulhasnagar-421 005.
Phone 52 60 26

Printed At : Jai Shivshakti Printers
1, Indira Gandhi Market,
Dassera Maidan, Ulhasnagar-421 003.

Year : June 1997

Price : Rs. 60/-

دل و دنيا

ڪوي : ايم. جي. رامچنداڻي (ايم. رفيق)
ستيم - اي اپارٽمينٽ، ٻيون ماڙ،
هيرا مٺڙاڻي هال جي ڀرسان،
الهاسنگر - ٤٢١٠٠٢.
فون : ٥٤٨٤٧٤

ڪور ڊزائين : لڇمڻ يو. ڪڪريجا

پبلشر : ڀڳونتي ايل. ڪڪريجا
ڪڪريجا پبلشنگ هائوس،
بي ٤١/٢٤٥، نوان بلاڪ،
الهاسنگر - ٤٢١٠٠٥.
فون : ٥٢ ٦٠ ٢٦

ڇپيندڙ : ”ڄئه شوشڪتي پرنٽرس“
١، اندرا گانڌي مارڪيٽ،
دسهرا ميدان، الهاسنگر - ٣.

سال : جون ١٩٩٧

قيمت : -/٦٠ رپيا

آسيس

نظمن، غزلن، گيتن، ڪافين ۽ هائڪو جون صنفون کڻي موزون شاعريءَ جي ميدان ۾ آيم. رفيق چڱي وقت کان ڏات جي گهوڙيءَ کي هنر ۽ فن جو لغام لڳائي چڱيون منزلون طيءِ ڪندو آيو آهي. سياهه وارن کان نجات پائي چانديءَ جي چمڪي جهڙا وار سجائي اهو جواني ديوانيءَ سان هٿ ملائي رهيو آهي. ائين به ناهي ته حسن عشق جي خيالي قصن ۾ قيدي بڻجي آس پاس جي انڀو ۽ آزمودي کان، زمان حال جي حقيقتن ۽ مستقبل جي حملاور مصيبتن کان منهن موڙي ويٺو آهي. درحقيقت جيڪي مشاهدا ماڻيا اٿس تن جي تصوير ڪشي ڪندي دل جي صادق جذبي سان ۽ پنهنجي ذاتي ڏانءَ ۽ ڏاهپ سان سگهاري ٻوليءَ ۾، قوس مدد قلم سان رچنائن جي روپ ۾ خزانن جي کول ڪندو ٿو رهي. ڏات جون ڏيانيون ٻاري علم، عقل ۽ عمل جي ايوانن ۾ چڱا ڦيرا پاتا اٿس:

”عشق نه آهي راند،
سمجهي تون هرڪو مگر،
ٻرجن خار پلاند.“

”عشق اچي اڻ راس،
آهي شرميلو گهٽو،
لڪي وڃي پرپاس.“

صنف ۾ طبع آزمائي ڪئي اٿس. سندس جديد شعر جو مکيه موضوع عشق ۽ حسن آهي. پر گاهه به گاهي دنيا ۾ جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي ان تي به لکيو اٿس ۽ اڄ ان درجي تي پهتو آهي جو چئي سگهجي ٿو :

”منهنجو هر شعر آهي تنقيد کان مٿي“

سندس اها دعوا ڪيتري قدر حق بجانب آهي، اهو فقط شعر و سخن جا پارکو ئي چئي سگهندا.

اميد اٿم ته شعر و شاعريءَ جا قدردان سندس قدر سڃاڻندا ۽ سندس شعر جو لطف وٺندا.

— رام ڪڪڙيجا (منوهرلعل)

شڪرگذاري

ڪريان شڪرگذاري، يا ڪريان شڪرادائي،
شري رام ڪڪڙيجا جي، جنهن دوستي نباهي،
مقبول آهي ليکڪ منوهرلعل جي نالي،
”محبت زنده آ“ ڪهاڻي هر ڪو پيو سڀالي،
لعيبٺ جو يار آهي، لعيبٺ جو پيار آهي،
هي رازدار آهي هي خاصدار آهي،
دل جو دوست دلبر، دلدار يار آهي،
رفيق آهي درپن، هي ديدار يار آهي.

— ايم. رفيق

پنهنجي ئي گهر ۾ پاڻ کي،
مهمان ڀانيو آهي.»

قدرت جي نظارن کي شاعر جي اک، رواجي ۽ معمولي نموني ۾ نٿي ڏسي. هن جو انداز- بيان هن طرح آهي:

«چمندو ڏسي هوا کي، کو گل حياءَ کان،
گلاب جي گلن ۾ لالاڻ ٿي وڃي.»

اهو سنڌي شاعر ڪو هڪڙو اڄ هوندو جنهن پنهنجن شخصي مصيبتن ۽ دنيا جي دغا و دولاب ۽ سياسي سرگرمين کي قلمبند ڪندي پنهنجي آباڻي وطن جي ياد ۾ لڙڪ نه لاڙيا هوندا.

هن شاعر پڻ ڪي پياريون سوز ڀريون ۽ دل چوريندڙ سٽون چيون آهن:

«آزادي ملي، مان پنهنجو وطن نيلام ڪري آيس،
انسان جي تهذيب کي بدنام ڪري آيس،
هي آهه نشو ڪوئي يا ڪائي بدحواسي،
آرام لاءِ مان جيون حرام ڪري آيس،
مون سڏايو پاڻ کي ديش جو سچو سپاهي،
عوام کي حاڪم جو غلام ڪري آيس.

— ڊاڪٽر ارجن سڪايل

ٻن ننڍڙن اکڙن ۾ جهڙي ٻڌايان ۽ ڏاهي شاعر ڪئي
هيڻن چوڻ لاءِ هرڪايو آهي:

”اکڙين منجهه خمار،
سدا عجبن جي رهي،
ڪنهن کي خبر نه چار.“

”قدرت ڪيو ڪمال،
پيدا ڪري اکين ڪي،
ڏسي ڪوئي جمال!“

زمان حال جون ڳالهيون ڳڻيندي رفيق صاحب چوي ٿو:

”مون کان لڪل نه آهي،
ڪنهن دل جو درد ڪوئي،
دل آهي دور بيني
سڀ ڪجهه ڏسي سگهان ٿو.“

۽ وري هي فلسفه - حيات جون ڳالهيون:

”تو موکي ٺاهيو آهه،
مون توکي ٺاهيو آهه،
خود توکي خبر ناهه،
ڪنهن توکي ٺاهيو آهه.“

”ڪوئي چوي ساگر،
ڪوئي چوي ساحل،
تو حسن ڏسي ٻهڪيو،
تو پاڻ ٻڏايو آهه.“

”رفيق بي خبر ٿسي،
مان راز جئي ولس،

رباعيون

(۱) گل ڏسي، گل کي ڇهڻ جي چاهه ٿي،
ڳل ڏسي، ڳل کي چمڻ جي چاهه ٿي،
ڪير چوندو آهه، محبت ڪو گناهه؟
دل ڏسي، دل ۾ رهڻ جي چاهه ٿي.

(۲) اتفاق سان تنهنجو ديدار ٿي ويو،
هڪ نظر ۾ ئي پيار جو اظهار ٿي ويو،
تون آهين پاڳل، ڀلا يا پاڳل خود رفيق،
رفيق تنهنجي پيار جو خريدار ٿي ويو.

(۳) باغات کي سجايو، بهار ٿو اچي،
برسات کي سجايو، ملهار ٿو اچي،
رفيق ڪهڙو جشن اڄ عرش فرش تي،
ڪائنات کي سجايو، راجڪمار ٿو اچي.

(۴) رفيق جي شعر ۾ جذبات کي ڏسو،
رفيق جي شعر ۾ خيالات کي ڏسو،
جيڪو پڙهي ٿو بحر ۾ آخر وڃي لڙهي،
رفيق جي شعر ۾ ڪائنات کي ڏسو.

(۵) رفيق جو شعر آ، هر دل جي واسطي،
رفيق جو شعر آ، محفل جي واسطي،
هر شعر ۾ رهي ٿو، حسن - عشق جو خمار،
رفيق جو شعر آ، هر مشڪل جي واسطي.

ڏسي دل ۽ دنيا

ڏسي دل ۽ دنيا،
هر ڪو ٿئي اُبتو ڪان،
آهي ڪٿان هي جاڳيو،
رفيق اڄ قبر مان،
آهي زمانو بدليو،
آهي ٽوانو بدليو،
عاشق بڻي اُٿيو آ،
سالن جي اڄ صبر مان.

هر شعر منهنجو آهي، تنقيد کان مٿي

هر شعر منهنجو آهي، تنقيد کان مٿي،
هر شعر خوبصورت اُميد کان مٿي،
هر شعر ۾ پيل آ، جذباتي رواني،
رفيق شعر منهنجو خريد کان مٿي.

★ تنقيد ڪريو نقاد بڻجي، نه دل چيد ڪريو جلاد بڻجي

فهرست

ستگر مهما

كوئي نہ ڄاڻي راهہ خدائي،
ٻر ستگر سمجهائي،
هاڻي سڀ راهون ستگر جون،
رهي نہ راهہ خدائي.

ڪر ستگر سان پيار،
اهائي بندگي آهي،
اهائي بندگي آهي،
اهائي زندگي آهي.

جي ستگر کي پڪارن ٿا،
هو تن جي قريب آهن،
اهيئي خوش نصيب آهن،
اهيئي خوش نصيب آهن.

"خدا ڪين ٻاهر، خدا دل ۾ رهي ٿو،
ساگر، مهاساگر هلچل ۾ رهي ٿو،
ڳولهي سگهيو ڪين ڪوئي يار کي رفيق،
يار فقط پيار جي محفل ۾ رهي ٿو."

ڏکي ڇڏج ڏکي، شل عشق اُگھاڙو نہ ٿئي

ڏکي ڇڏج ڏکي، عشق اُگھاڙو نہ ٿئي،
ڏسي ماکي، مصري، ڪير ٿو زھر چکي،
ڇھري مان ڏسي ٻکي عشق جن جو اصلي.

ٽڙ پريا پير، مور ڏسي روئي ڏنو

ٽڙ پريا پير، مور ڏسي روئي ڏنو،
اَچي ڪنھن جي عشق ۾، اچو صبوح سوير،
آئي آب اکين ۾، خوب ڪيائين پير،
ڏسي روئندو عاشق کي، ڪين ڪيائين اوير،
مور جا ميرا پير، ڏٺل اچي ڏوئي ڇڏيا.

ڪچرو ڪري رهيو آ، سينگار ٿا ڪريون

ڪچرو ڪري رهيو آ، سينگار ٿا ڪريون،
آهيون سڄا، ٻين کي ٻڌار ٿا ڪريون
هيءَ ڪهڙي ٻٽي حالت شاعر اديب جي،
ڪڏهن سڄاڳ ٿيندو، انتظار ٿا ڪريون

مون خواب ڏٺو صحرا گلستان ٿي پيو

مون خواب ڏٺو، صحرا گلستان ٿي پيو،
مستيءَ ۾ اچي هرڪو مستان ٿي پيو،
ڪو آيو مٿان اوچتو، ۽ ڪيرائي هليو ويو،
گلستان، صحرا کان بدتر، قبرستان ٿي پيو.

مٽي ڪر نه ڦٽي، مٽي آهه وطن جي

مٽي ڪر نه ڦٽي، مٽي آهه وطن جي،
اصلي عاشق جي گهمي آهه گهٽي،
مٽي آهه مٽي، عشق اُٿاسو جن جو.

(٥)

بخشش مولکي هر ڪا، ستگر عطا ڪئي آ،
هر راهه منهنجي روشن رهبر سدا ڪئي آ،
آهي خدا خدا جو، رفيق راز آهي،
هر وقت ملي ٿي معافي، گر ڪنهن خطا ڪئي آ!

(٦)

هر دل "عزيز"، صاحب شاعر ڪمال جو،
ٿيو حسن ڏسي "حامد" جلوي جمال جو،
"راهي" ٿيو آ راهي، ڪهڙي ڏسڻ خدائي،
"آنچل" جهليو آ آنچل، ڪهڙي سوال جو!

(٧)

شاعر "ضيا" شمع تي پروانو "ديال" آهي،
هر ڪنهنجي پنهنجي دنيا، پنهنجو خيال آهي،
"پرڪاش" ٿيو پنهنجي ئي ديش کان پري،
پنهنجي ئي ديش خاطر ڇا جيئڻ محال آهي!

(٨)

نارائڻ "شيام" هند ۾ سنڌ ۾ "اياز" آهي،
شاعر آهي "پارٿي"، شاعر نياز آهي،
هر ڪنهن کي جام هٿ ۾ سرڪيون پري ٿو هرڪو،
ڪري عشق الاهي پيدا شاعر ئي ناز آهي!

(٩)

قدرت جو حسن پائي، ڪوئي ٿيو "شاد" آهي،
ڇا غزل "الم ڪمل" جو دل جي فرياد آهي،
هڪ عشق جو اُجابل، هڪ حسن جو "سڪايل"،
ڇا پايو "وفا" خدا جو اعتقاد آهي!

شاعر جي قلم مان :

(۱)

هي ”دل - و دنيا“ سرهي سرهاڻ کڻي آئي،
قدرت سان محبت جي چانڊاڻ کڻي آئي،
جو عشق جاڳيو دل ۾، گلدستو ٺهجي،
شاعر جي زبان، دل جي واکاڻ کڻي آئي!

(۲)

قدرت جي ڪرشمي ئي، ڪتاب ٺاهيو آ،
هر شعر، پنهنجي دل جو گلاب ٺاهيو آ،
آهيان شاعر اُجهي، قدرت آ مٿاڻو،
محبوب وطن سنڌ کي، مهتاب ٺاهيو آ.

(۳)

هر شعر ٺهيو، پيار جو گيت غزل آهي،
منهنجي روح جي خاطر، فطرت جو محل آهي،
هر وقت شاعريء جو درياهه وهي ٿو،
شاعر کي دل رهي ٿي، ليڪن نه عقل آهي.

(۴)

درويش سنڌ جا شاعر شاهه، سچل سامي،
روحل، بيدل ۽ بيڪس، سارو جهان سلامي،
دلگير، دکايل اکڙيون، ديدار هيو بيوس،
سنڌ جي ڪري زيارت دل عشق مان اُڏامي.

واقفيت

سنڌ ۾ هيس مان مستان، هاڻي رفيق آهيان،
هتي گل گلستان، سڀ جي قريب آهيان،
ڪوئي چمي ٿو چاهه مان، زلفن ۾ سجائي ڪوئي،
رفيق آءٌ انجان، شاعر عجيب آهيان.

اڄ نئين جواني آئي آ

اَڄ نئين جواني آئي آ،
نغمن جي رواني آئي آ،
جذبات جو شاعر جاڳي اُٿيو،
بيخود جي زباني آئي آ.

هلندي هلندي ڇا عنايت ٿي وئي

هلندي هلندي ڇا عنايت ٿي وئي،
ڏسندي ڏسندي ڇا ڪرامت ٿي وئي،
مون ڪيو سجدو عبادت جو اچا،
ولي ولي نئي زيارت ٿي وئي.

سنگيتن شروعات

رفيق غلام سڀ جو،
سڀ کي سلام مڃجو،
هاڻي شروع ڪريان ٿو،
عاشق ڪلام ٻڌجو.

آسيس مڙگان سڀ جي، بخشيش ٿئي مون تي،
بخشيش مڙگان سڀ جي، آسيس ٿئي مون تي.

ڪريان پيش هڪ گلدستو، هڪ هار غزل جو،
آهي يقين، قبول پوندو، سينگار غزل جو،
آهي عرض، سڀڪو رهي سلامت صبر ۾،
هردل ۾ رفيق پهچي، جنهن خمار غزلن جو.

غزل

جمع حسن آهه حاضر، مشڪل مشاعرو آ،
شاعر، سنگيتڪار جو مڪمل مظاهرو آ،

محفل ۾ آيو آهي، هرڪو حسن پڄي،
آهي ڪنهن جي مهرباني، يا عشق اڏارو آ،

ڪهڙي خبر، حسن کي ڇا ڇا پسند آهي،
ڪافي آ غزل، خواني، يا اک جو اشارو آ،

ڪنهن کي نه خبر آهي آهو هتي خدا پئي
رفيق وٽي سڀ کي جو دل جو پيارو آ.

التجا

(١)

دل جو ڪتاب آهي،
سهڻو گلاب آهي،
دل سان لڳائي رکجو،
موسم خراب آهي.

(٢)

شاهي خمار آهي،
بس بي حساب آهي،
رفيق سنڀالي رکجو،
اصلي شراب آهي.

ڪوئي نيڻا لڳائي ته ڏسي

ڪوئي نيڻا لڳائي ته ڏسي،
ڪوئي پريتم پرچائي ته ڏسي،
شمع جلي ۽ پروانو نه جلي،
ڪوئي ديواني کي سمجهائي ته ڏسي.

ڪڙڪي بند نه ڪريو هوا ايندي رهي

ڪڙڪي بند نه ڪريو هوا ايندي رهي،
محبت ۾ ڪڏهن ڪان خطا ٿيندي رهي،
آبشار پهاڙن تان هيٺ آيو لهي،
رفيق کي شاعري عطا ٿيندي رهي.

جيڪي به چوان ٿو تڪبر نه چئو

جيڪي به چوان ٿو تڪبر نه چئو،
جيڪي به چوان ٿو تصور نه چئو،
عشق جي اٿل لکي، رفيق پنهنجي ذري،
مستي ۾ رهان ٿو، اي خبر نه چئو.

غـــزل

۱- پنڌ مون پنهنجي سنگر سان پيار ڪيو آ،
چڪور بڻجي چنڊ جـــو ديـــدار ڪيو آ.

۲- ڀاڳن سان ٿو ڪنهن کي ڪامل رهبر ملي وڃي،
ڪرتـــار مون تـي قـــادر اُپڪار ڪيو آ.

۳- سچي نام جو خزانو ٿو ڪنهن کـــي نصيب ٿئي،
سچکنڊ جـــو تنهن کـــي حقدار ڪيو آ.

۴- اُپديش تنهن جو ڄاتو، جڳديش جو ڪري،
آســون وهائـي تنهن جـو ستڪار ڪيو آ.

۵- هي ڀـرم ناهي ڪوئـي، رفيق آهي حقيقت،
جن ڄاتـو سچ، تـــن جيون گلزار ڪيو آ!

گيت

ستگر سلام توکي
رهبر سلام توکي!

١- ستگر تون مهنجو سائين،
رهبر تي دڳ لڳائين،
آهي پرڻام توکي.

٢- آهين خدا جهڙو،
رهين ڪين تون جدا تو،
ڪري ياد غلام توکي.

٣- ديدار پي ڪريان تو،
پيار پي ڪريان تو،
هر صبوح شام توکي.

٤- تون شهنشاهه آهين،
هر شاهه کي لڄائين،
طاقت تمام توکي.

٥- آهي آسمان تنهنجو
سارو جهان تنهنجو
تنهنجو انعام توکي.

٦- توکي ڏسي جيئان تو،
هر وقت مان پيئان تو،
اکڙين ۾ جام توکي.

٧- تنهنجو ڪريان تو سمرڻ،
رفيق ڪريان تو ارپڻ،
تنهنجو ڪلام توکي،
ستگر سلام توکي!

غـــزل

(١) او منهنجا خدا، منهنجو توکي سلام آهي،
صبوح شام دل ۾ تنهنجو ئي نام آهي.

(٢) تنهنجي ٿسي خدائي، توسان ڪئي محبت،
هر دل ۾ تنهنجي محبت تنهنجو ڪلام آهي.

(٣) تو عشق پـي اُپايو، تو حسن پـي اُپايو،
انسان کي حسن جـــو تنهنجو انعام آهي.

(٤) قدرت ڪمال تنهنجو جلوه جمال تنهنجو،
گلشن کي توئي بخشيو، شبنم جـــو جام آهي.

(٥) تون شهنشاهه آهين، هر شاهه کي لڳائين،
رفيق هر جنم ۾ تنهنجو غـــلام آهي!

غزل

(١) خدا جي بندگي آ، خدا جي بندگي،
حيا جي زندگي آ، حيا جي زندگي.

(٢) محبت ڪري ٿو هرڪو، ڪوئي نه بيوفائي،
وفا جي زندگي آ، وفا جي زندگي.

(٣) گناهه ڪري ڪوئي، ڪنهن کي ملي سزا،
سزا جي زندگي آ، سزا جي زندگي.

(٤) عاشق بڻي ٿو هرڪو، محبوب ڪوئي ڪوئي،
جفا جي زندگي آ، جفا جي زندگي.

(٥) رفيق پيار ڪر تون، حسن جي خدا کي،
خدا جي زندگي آ، خدا جي زندگي.

غـــزل

(١) ڪنهن کي پيار بڻائي ته ڏسو،
دل جو دلدار بڻائي ته ڏسو،

(٢) زندگي حسن جي بدولت آ،
گل و گلزار بڻائي ته ڏسو.

(٣) حسن بيپرواهه، عشق بيقرار ٿيندو آ.
ڪوئي انتظار بڻائي ته ڏسو.

(٤) جي چاهيو، نه رهي غم ڪوئي،
پاڻ کي پيار بڻائي ته ڏسو.

(٥) هر مرض جو علاج ٿيندو رفيق،
يار کي يار بڻائي ته ڏسو.

غـــزل

(١) ڪهڙي خبر، الاءِ ڇي، ڪنهن پيار ڪيو هوندا،
ڪا نظر نه لڳي پيار کي، تڪرار ڪيو هوندا.

(٢) اصل ۾ هڪ حسن جي لٿي عرش مان چمڪاري،
گلشن سان گڏ جڏهن انساني گلزار ڪيو هوندا.

(٣) هر جاءِ خوشبو ڦهلي، هر جاءِ حسن ٽڪڙو،
اکڙين ۾ نور چمڪي، خمار ڪيو هوندا.

(۴) هر جاءِ بستي مدهجي، هر جاءِ هستي مدهجي،
مستيءَ ۾ خدا شاهد، ديدار ڪيو هوندا.

(٥) رفيق پاڪ ٻڌجي، ڪر بندگي خدا جي،
سنسار ۾ جڏهن شاعر، فنڪار ڪيو هوندا.

غـــزل

(١) جلي ٿو، جلي ٿو، جلي ٿو زمانو،
اسان جو ڏسي وس هي عاشقاڻو.

(٢) لکي ڪين ڄاڻن، پڙهي ڪين ڄاڻن،
مگر خود کي سمجهن اديبن ۾ راڻو.

(٣) مرڪن ٿا ڪن سان مشڪن ٿا ڪن سان،
ڪلي ٻئي ڏين ٿا ڪري ڪو بهانو.

(٤) ڇا رفتار آهي ڇا گفتار آهي،
آهي رعب تن جو اصل حاڪماڻو.

(٥) رفيق ڇا ڪندا سين ملمعي جي ياري،
اسان کي مبارڪ هي عشق شاعراڻو.

غــزل

(١) عمر ساري منهنجي، خوابن ۾ گذري،
دنيا جي سوالن، جوابن ۾ گذري.

(٢) جڏهن كان مان آيس، جهان ۾ جنم كان،
عقل جي حسابن، كتابن ۾ گذري.

(٣) ٻچپن ويو موكلائي، جواني،
ظالم خزان جي عذابن ۾ گذري.

(٤) ڏسندو رهيس مان حسن كي ٻرپان ٿي
مجمع وقت ئي ركابن ۾ گذري.

(٥) اصل كان ئي شاعر هيس، آءٌ ليكن،
رفيق شاعري ئي حجابن ۾ گذري.

ڪافي

(١) ماريا ماريا ڦرن ٿا ماروئڙا،
ٻي مؤت مرن ٿا سانگيئڙا.

(٢) جنکي ڏيسي هٿا، ٻرڏيسي ٻٽيا،
ٻرڏيسي اچي ڏيسي ٻٽيا،
جهنگ جهر ۾ رلن ٿا جهانگيئڙا.

(٣) ڪوئي ڪين سگهي فرياد ڪري،
ٿو هرڪو قسمت ياد ڪري،
اکڙين مان وهائن آنسوئڙا.

(۴) رفيق رحم ڪري رحمان ڌڻي،
سڀ سالم ڪري سلطان ڌڻي.
ٻيا ٻير ٻچائن ٻالڪڙا.

غـــزل

(١) ڇڏيندا سين دنيا، دل جي غمن ۾،
رهي جي حڪومت ظلمي هٿن ۾.

(٢) ڏسڻ ۾ اہ آئي ڪٿي روشنائي،
انڌيرو انڌيرو آ ڇانيو گگن ۾،

(٣) ڪٿي ٿي نہ خوشبو ڪا تازگي رهي آ،
خـــزان آشيانو ٻڌايو چمن ۾.

(٤) رفيق جـــو مسافر آيو وطن ڪان،
وري ويندو واپس پنهنجي وطـن ۾!

غـــزل

(١) مون يار کي سڏياليو، مگر ڪين آيو
دلدار کي سڏياليو، مگر ڪين آيو.

(٢) گلشن ۾ وڃي ويٺس، هيون گم هوائون،
بهار کي سڏياليو، مگر ڪين آيو.

(٣) ٻجلي پئي ٿي چمڪي، بادل پئي ٿي گرجيو،
ملهار کي سڏياليو، مگر ڪين آيو.

(٤) ٿڪو اُن ۾ ويٺي، ڪئي مون تپسيا،
قرار کي سڏياليو، مگر ڪين آيو.

(٥) رفيق پيار مڌهڄو شرمائي روشنيءَ ۾،
انڌڪار کي سڏياليو، مگر ڪين آيو.

گيت

(١) دردن جي ڪهاڻي آ، ڪنهن کي چئي ٻڌايان،
سورن جي ڪهاڻي آ، ڪنهن کي چئي ٻڌايان.

(٢) پلجي ويس مان هستي، دل حسن سان لڳائي،
پلجي ويس مان مستي، دل عشق ۾ جلائي،
اشڪن جي ڪهاڻي آ، ڪنهن کي چئي ٻڌايان.

(٣) سهڻو آ چنڊ ٻاهر، آهي اندر جو ڪارو،
چنڊ منهنجو جڏهن اچي ٿو، تنهن کان ڪري ڪنارو،
حسن جي ڪهاڻي آ، ڪنهن کي چئي ٻڌايان.

(٤) بادل پئي روئي روئي، آسون ٻيو وهائي،
ٻيلي اڃا نه آئي، ٻيٽو آ سر جهڪائي،
لڙڪن جي ڪهاڻي آ، ڪنهن کي چئي ٻڌايان.

(٥) رفيق گيت ڳاتو، پلڪي ويو غزل کي،
منهنجو ئي عشق دل جو ڳولهي رهيو آ دل کي،
الجهن جي ڪهاڻي آ، ڪنهن کي چئي ٻڌايان.

(٥) انب نه انب مٺا، ٻهڪي سڀ وطن جا،
ٽڙيل واهن وچ ۾، ڪانئن سڀ ڪٺا،
انب نه انب ڏٺا، جهڙو منهن محبوب جو.

(٦) جهڙ جهڙالو ڏينهن، ماڻهو ڏسي مست ٿيا،
جهڙيون سڀاجهي ٻڪري، تهڙو رحمدل شينهن،
الله وسايو مينهن، محبت ڏسي مون ۾.

(٧) آهن لڳا ڪنڌ اڳيئي دل دريا ڪسي،
متان ڪنڌي چڙهي، چاوليون ڪرڻ چٽيون.

(٨) ڪر تون ياد الله، آهي وقت ورڻ جو،
ٻوٽون آهه پساهه، متان اڪر اهو اڪلي.

(٩) صبوح گذريو ٿي شام، آئي جاڳ ته رات،
ٻلڪن ۾ ٻرياس، آهي چپايو پاڻ ڪسي.

(١٠) حسن جو هوڪو ٻڌي، ٻڌي هرڪو عاشق ٿيو.
آهي ٻه ڪو ڪو، عاشق عشق الله جو.

ڏوهيڙا

(١) ٻئي ٻڪاري هٿ کڻي ميهار کي،
گهڙو ٻڏو وچ سير ۾، هنجون ٿي هاري،
ملندس ڪنهن محبوب کي، ڳڻتي ٿي ڳاري،
شل سهڻيءَ کي تاري، الله اچي وچ سير ۾.

(٢) سهڻي آهه نه سهڻي، جهڙي سهڻي سير،
وهندي وڃي عشق ۾ ٻڏائيندي ٻير،
ٻڙڪي باهه برهه جي، رهي نه سڌ سرير،
سهڻيءَ کي تقدير، ملائيندي ميهار سان.

(٣) سهڻي آءُ لئه سهڻي، سهڻو آ ميهار،
ڏسي سونهن ميهار جي، ٿيس ٿالي ۾ سڪڻي،
هرڪا آ سهڻي، جنهن جو منهن محبوب ڏي.

(٤) سدا آهي ياد، سهڻيءَ من ميهار کي،
ڏسي حسن حياءَ جو، عشق ٿيو آباد،
عاشقي امداد، ٿئي حاصل عجيبن کي.

لاڏو

(۱) ٻڌجي ڄڃن کي ڪجهه ڇور لاڏا،
ٻڌجي اندر جو حال اور لاڏا.

(۲) ٿوي سيءُ ٿارو مٿان ٽيڻ اگهاڙو،
ٻڌجي سوڙ کي مٿي سور لاڏا.

(۳) جيڪي ملي ٿي، ڇڏ ٿار ڪائي،
هجي مال سارو يا پور لاڏا.

(۴) ايندء سهڻيون ساليون، ڪندء ڪن ۾ ڳالهيون.
ڪلي ڪلي تن کي هٿ جوڙ لاڏا.

(۵) آهين گهوٽ راڻو، لاڏي ڪندء ماڻو،
رفيق دل جي هٿ ڇوڙ لاڏا.

گيت

(١) گلشن ۾ بهاري آ،
اکڙين ۾ خماري آ.

(٢) ڪو حسن تي چريو آ،
ڪو عشق ۾ ڪريو آ،
هر رات نياري آ.

(٣) دلدار ڪري ڪوئي،
تو پيار ڪري ڪوئي،
عاشقن جي قراري آ.

(٤) ڪو گيت غزل ڳائي،
ڪوئي محفل ۾ تو شرمائي،
گهوڙي جي سواري آ.

(٥) رفيق عجيب آهي،
سڀ جي قرلب آهي،
محبت جي نياري آ.

غــزل

(١) سورج جي ڪرڻ سونهري، ڌرتيءَ تي لهي آئي،
هڪ لاڏلي خدا جي ملڙي، ڌرتيءَ تي لهي آئي.

(٢) هڪ ڏينهن خدا، سهڻو هڪ گلدستو سجايو ٿي،
گلدستي مان ڪلي نڪري، ڌرتيءَ تي لهي آئي.

(٣) تارنج سترهڻ جهوري، اُٿويه سؤ نوي،
ڪڏهن ڪان نه وچي وسري، ڌرتيءَ تي لهي آئي.

(٤) اَڄ شادمانو آهي، خوش سارو زمانو آهي،
چاندني چڪور مصري، ڌرتيءَ تي لهي آئي.

(٥) شب جنم ڏن ڪرڻ جو، رفيق ملهايون ٿا،
تارن سان سجيل نسري، ڌرتيءَ تي لهي آئي.

غــزل

(١) شبنم چئو گلشن کي، مون سان پيار ڪري وٺ،
آهيان مان ٿوري پل لاءِ، ڪجهه ديدار ڪري وٺ.

(٢) آهيان مان ماڪ موتي، ڇڏ هار کي پٽائي،
پنهنجي گلي ۾ پائي، سينگار ڪجهه ڪري وٺ.

(٣) جيستين آ سج جو ڪرڻو، پهچي اچي اڱڻ ۾،
تون پنهنجو آشيانو، گلزار ڪجهه ڪري وٺ.

(٤) آهيان مان شبنم، آهين تون گلشن،
رشتو مقدر ملن جو، اظهار ڪجهه ڪري وٺ.

(٥) هر روز مان اچان ٿي، هر روز مان وڃان ٿي،
رفيق وري ملڻ جو، انتظار ڪجهه ڪري وٺ.

غــزل

(١) ڪيئي رفيق آهن، ڪيئي رقيب آهن،
سڀني جو مالڪ آ هڪڙو ڪيئي حبيب آهن.

(٢) هر ڪنهن کي پنهنجي پنهنجي تقدير ساڻ آهي،
ڪيئي اَمير آهن، ڪيئي غريب آهن.

(٣) هر ڪنهن کي دل و دنيا پنهنجي نظر اچي ٿي،
سڀ جو حسين چهرو، اکڙيون عجيب آهن.

(٤) جنهن کي پتو لڳي ٿو، سوئي خدا کي پائي،
سڀ دور ٿيا خدا کان، ڪي ڪي قريب آهن.

(٥) رفيق مرض عشق جو چو لاعلاج آهي،
هن مرض جو شڪار، خود ئي طبيب آهن.

غـــزل

(۱) رفيق آءٌ آهيان، رفيق ٿـــو چوايان،
سڀ کي سلام منهنجو، سڀ کي خدا ٿو ڀانيان.

(۲) ڪوئي رفيق سمجهي، ڪوئي رقيب سمجهي،
سڀ کي حسين سمجهي، عاشق بڻجي ٿو چاهيان.

(۳) دل آهي منهنجي شاعر، دل ڪٿي گهمان ٿـو،
دل ۾ رهي خدا ٿو، تنهن کان جدا نه آهيان.

(۴) ڪوئي چوي چريو آ، ڪوئي چوي ديوانو،
پروانو ٿي شمع لئي، ٿو پاڻ کي جلايان.

(۵) رفيق عشق منهنجو سرحد ٽپي چڪو آ،
ڪڏهن امير شاعر، ڪڏهن فقير ٿـي لڇايان.

ٽي موتي

ٻيوس

سعدي جو عظيم شاعر دلدار هيو ٻيوس،
شاعريءَ جي سولهن، سهڻو سينگار هيو ٻيوس.
”الا جهڙي ۾ شال غريبن جي جهوپڙي“
هر درد جي دوا ۽ دعا ٻيار هيو ٻيوس.
رحمت رهي خدا جي، حڪيم هيو ماهر،
رفيق شان سعدي جو، عظيم هيو شاعر.

آهه، جهنگلي ڦولن ۾ ٻه غضب جو هڪاءُ رفيق،
هيءُ تہ گل هيو، گل گلستان سعدو.

ٻيوس، ٻيوس ڪيئن چوان، تو ۾ وڏو وس،
پر تون پنهنجو رس منهنجي هر جزبات ۾.

غـــزل

(١) شاعر آئُون آهيان، شاعرا ملي وڃي،
مونکي منهنجي دل جي ملڪا ملي وڃي.

(٢) پاڳل بڻي ڇڏ تُو گهمي آسمان ۾،
ڪهڙي خبر، ڪڏهن ٿي ڪيس محبوبا ملي وڃي.

(٣) دشينت سمجهي پاڻ کي، مون خواب ۾ ڏٺو،
مونکي ڪڏهن ٿي منهنجي شڪنتلا ملي وڃي.

(٤) گوتم جي سراپ سان اهليا پٿر بڻي،
بيهوش آهي، هاڻي اهليا ملي وڃو.

(٥) گلشن ۾ روئي روئي، تو پڇي رفيق کان،
گلشن کي ڪڏهن ٿي منهنجي مينڪا ملي وڃي.

سڪايل

(١) محبوب شاعر سڪائل لاجواب آهي،
هو نظم جي چمن جو سهڻو گلاب آهي.

(٢) هن جي زبان مٺڙي، شيرين گفتگو آ،
هر لفظ موتي، دل ڪمخاب آهي.

(٣) آهي عشق جو اُجائل، آهي حسن جو سڪائل،
ڪهڙي خبر خدا جو ڪوئي حساب آهي.

(٤) معشوق آهي، ليڪن عاشق جي دل رکي ٿو،
غلامن جو غلام نوابن ۾ بهتر نواب آهي.

(٥) هڪ ڏينهن اچي عشق ۾، بيخود ٿئي ڏاائين،
شاعر رفيق گل آ، هوُ گل جو شباب آهي.

ڏکايل

ڏسي ديش جي غلامي، شاعر ٿيو ڏکايل،
ڪوئي هيو بکايل، ڪوئي هيو اُڃايل.
ڪنهن کي هو درد دل ۾، ڪنهن کي هو ظلم سر تي،
رفيق هر ستم جو، هر ڪو هيو ستايل.
آزادي آئي، ليڪن نه آزادي ملي سڀ کي،
اڳتي رفيق ڇا ٿيندو، آهي خبر سڀ رب کي.

دلگير

دلگير ڇو الاجي دلگير ٿو سڏائي،
آهي حسن جو مالڪ، فقير ٿو سڏائي.
ٻارن ۾ ٻار ٿئجي، ڦوڪي ٿو ڦاڙي ڦوڪڻا،
دل جو امير شاعر، دلگير ڇو سڏائي؟
رفيق آه سڀ جو، جنهن کي نه ڪوئي ڄاڻي،
رفيق آه سڀ جو، رفيق سڀ کي ڄاڻي.

غزل

(١) حسن ٻي گلابي، چمن ٻي گلابي،
وطن ٻي گلابي، اَمن ٻي گلابي.

(٢) ٽيا وار ڪارا، ۽ ڪارا چپر ٻي،
اڇا ڏند موتي، مکہ ڳل گلابي،

(٣) ٿي ڌرتي ٻي سائي ۽ وڻ ٽڻ ٻي ساوا.
ٿئي سونهن سوائي، ٻٽيا دل گلابي.

(٤) ٽيا قسمين قسمين ماڻهو، پوشاڪ هر قسم جي،
رهي سر تي پوٽي، پڳون ٻي گلابي.

(٥) رفيق سدا وطن جي حفاظت جي خاطر،
جوانن جي سر تي ڪفن ٻي گلابي.

غزل

(١) آهي زمانو پيار جو، نفرت ڪير ٿو ڪري؟
گهر ۾ رهي پاڻ کي تنگ ڪير ٿو ڪري؟

(٢) آهي گهڻن جو شوق پڻ نيڙي ديوان کي،
روزانو پاڻ پاڻ ۾ جنگ ڪير ٿو ڪري؟

(٣) دل ۾ حضور، پاهر ساگر جو ڪنارو،
درشن جي لاءِ پيدا اُمنگ ڪير ٿو ڪري؟

(٤) هيءُ نشو ليکن جو، ڪنهن کي نصيب ٿئي؟
جنهن آهه پاڻي، آگ سان سنگ ڪير ٿو ڪري؟

(٥) رفيق آهي دلبا، گلشن اٿون،
هر گل کي عطا خوشبو، رنگ ڪير ٿو ڪري؟

غزل

(١) گلشن جي آءٌ هستي، شاهي بهار آهيان،
آڻيان چمن ۾ مستي، شبنم جو هار آهيان.

(٢) بادل جو برقعو پائي، چڙهيو چنڊ مُنهن ڇپائي،
محبوب ڪي ڏسڻ لاءِ، مان بيقرار آهيان.

(٣) جنهن چنڊ جون ڪلائون، تنهن حسن جون ادائون،
ساگر ڇڏي ٿو ڇوليون، دل جو خمار آهيان.

(٤) مون عشق ئي ڪيو آ، عاشق بڻي اچان ٿو،
معشوق جي نظر تان جان - نثار آهيان.

(٥) ديدار ڪيو خدا جو دل ۾ رفيق آهي،
اڳي هوس آءٌ اڪيلو، هاڻي بيشمار آهيان.

غزل

(١) حسن ڪهڙو، جنهن ۾ جواني نه هجي،
زندگي ڪهڙي، جنهن ۾ ڪهاڻي نه هجي.

(٢) خوشيءَ خوشيءَ سان پيار ڪري هر ڪوئي،
پيار ڪهڙو جنهن ۾ پريشاني نه هجي.

(٣) ڪهڙو چوندو، مون به عشق ڪيو آهي،
عشق ڪهڙو جنهن ۾ اک - ديواني نه هجي.

(٤) دل آهي جا سورن کي سهندي وڃي،
دل ڪهڙي، جنهن ۾ حڪمراني نه هجي.

(٥) شعر ۾ رواني نه هجي، شاعر ۾ غزل خواني نه هجي،
رفيق اهو خدا ڪهڙو، جنهن ۾ مهرباني نه هجي.

غـــزل

(١) جيئن آءٌ رهيو آهيان، ڪوئي نه رهي سگهندو،
جيئن آءٌ ٿيو آهيان، ڪوئي نه ٿي سگهندو.

(٢) دنيا جي گردش ۾ ڇا ڇا نه سٺو آهي،
جيڪي آ سٺو مون، ڪوئي نه سهي سگهندو.

(٣) ٻيڪد مون ڏٺو ٻيار ٻارن کي زندگيءَ ۾،
جيڪي آ ڏٺو مون، ڪوئي نه ڏٺي سگهندو.

(٤) جيئن آءٌ ڇوان ٿو، ڪڏهن ڪين ڇيو آهي،
جيڪي آ ڇيو مون، ڪوئي نه ڇئي سگهندو.

(٥) رفيق هٽين ٿـــو هـام اڄ عشق ۾ اڇي،
جيڪي آ لڌو مون، ڪوئي نه لهي سگهندو.

اڳواٽ غزل آخري

(١) رقص جي آ پالڪي، آخري ديدار آ
اُتي هلي سينگار جي، آخري سينگار آ

(٢) ڪوئي ڪنڌن تان ٿو لڙي، ڪوئي ڪنڌن تي ٿو چڙهي
عاشقن جي عاشقي آخري اسرار آ

(٣) آ نالو پيار جو، آ لالو پيار جو
جهان کان خلاصگي، آخري گلزار

(٤) ڪوئي آنسون ٿو پوري، ڪوئي دانهون ٿو ڪري
درد جي ديوانگي، درد جي پڪار

(٥) بندگي آ زندگي، زندگي آ بندگي
لا فنا جي زندگي، شاعري سنسار

(٦) ڪو وڃي ٿو هارجي، ڪو وڃي ٿو مارجي
مرد جي مردانگي، ظاهري اظهار

(٧) ڪو ڪٿان آيو شريڪ، واهو اٿي سڀ جو رفيق
قرب جي قرباني، سوکڙي ٿي پيار

غـــزل

(١) نه يار جي خبر، نه وصال جي خبر،
مون کي نه فقط آهي ڪٽال جي خبر.

(٢) ڪٽال ٻار آهي، هوءُ سڀ جو پيار آهي،
نه اُنس ڪا جهان جي، نه ڪنهن حال جي خبر.

(٣) هٿڙن تي گهمي ٿو، هوءُ سڀ کي چمي ٿو،
اڃا نه کيس آهي سڌپال جي خبر.

(٤) هوءُ پيار ڪري ٿو، تڪرار ڪري ٿـــو،
وٺي خاص خاص احوال جي خبر.

(٥) رفيق جي گلي جو هار ٻٽي ٿُو،
اُنس مهيءَ ٻچا جي پيار، وشال جي خبر.

غزل

(۱) اسان وٽ نه آهن سلامن جون ڳالهيون،
اسان وٽ ته آهن غلامن جون ڳالهيون.

(۲) اصل کان ملهل آهي ان جو نصيبو،
اسان وٽ نه آهن ڪلامن جون ڳالهيون.

(۳) حياتيءَ ۾ نه ڪڏهن ڪو روزو رکيوسين،
سمجهه ۾ نه آيون، امامن جون ڳالهيون.

(۴) جي آيو خدا پڻ ڪڏهن جهوپڙيءَ ۾،
ڪندا سين نه شاهي مقامن جون ڳالهيون.

(۵) وساري ڇڏيون ته ڀلا، گهڙي جا گذاريون،
رفيق ڪيئن سانڍيون ايامن جون ڳالهيون.

غـــزل

(۱) او منهنجا خدا، عرش تان لهي ڌرتيءَ تي هلي آءُ،
پنهنجي ڏسي خدائي تون ڪجهه ته ترس کاءُ.

(۲) ڪيئن ڀاءُ، ڀاءُ سان دشمن ٿي لـــڙي ٿـو،
تـــوڙي آ خون ساڳيو، ۽ هڪڙيءَ اٿن ماءُ.

(۳) ڏس، يـــار بڻي يـــار تـي وار ڪري ٿـــو،
غـدار بڻي، پر نـــه ڪري ڪوئي ٿـــو پرواءُ.

(۴) هڪ ملڪ ٻئي ملڪ سان جنگ ڪري ٿـــو،
ٿـــو خون وهائي، پوي ڪين ڪي ڪهڪاءُ.

(۵) رفيق ڏسي حال، خـدا پـي چئي ڏنو،
اي شرم لٽيو هرڪو، ڪنهن ۾ نه رهيو حياءُ.

غــزل

(١) ڇا حسن جي ڇنڊڇاڻي، آهي ڪلا ڪير ڇڏي؟
آهي ڇـا، هيءُ پارس جي سڃاڻ، ڪير ڇڏي؟

(٢) هــيءُ نشو ڪوئي، نئـوان اميرن جــو،
هيءُ آهي ڪهڙي مرض جي دوا، ڪير ڇڏي؟

(٣) حسن جي ملڪا، ڪري پنهنجي نمائش ٿي،
ٿا پڇن، ڇا اٿس کيس حيا ڪير ڇڏي؟

(٤) ڪير سنڀالي ديش جي رهنمائن کـي،
آهي نـاريءَ جي سنمان تـي هلا، ڪير ڇڏي؟

(٥) نهن نشي ۾ ٿــي اچي لـوڪ لپائڙ خاطر،
رفيق نہ ڇا، تو شرمائي خدا، ڪير ڇڏي؟

غزل

(۱) راهل ٻار شاعر غزل - خوان ٿيندو،
آهي گل گلاٻي، گلستان ٿيندو.

(۲) سندس چنڊ جو چهرو، سندس مٺڙي ٻولي،
ستارن جي سهڻي مسڪان ٿيندو.

(۳) عنايت رهي آ خدا جي جهان تي،
چمن ڌرتي جگمگ آسمان ٿيندو.

(۴) هوائون ٿيون ڇيڙن ستارن جون تارون،
سنگيتڪار، گائڪ، اعليٰ شان ٿيندو.

(۵) رفيق ٻي ڏئي ٿو دل سان دعائون،
سنگيتڪار، شاعر، مهربان ٿيندو.

غــزل

(١) رفيق، رام، اڇمرط دوستن جـو ملن آ،
شاعر، ليکڪن جي گلن جـو چمن آ.

(٢) ستارن سان گڏجي مٽي چنڊ ٿو چمڪي،
زمين لـي لٿـو عاشقن جو گـگـن آ.

(٣) ڪري ڪوئي پوڄا، جهلي هٿ ۾ ٿالهي،
زندگي پاڪ پوتر دلين جو ڀڄن آ.

(٤) چاڙهي ٽلڪ پريان پڇي ٿـو پدمڻي،
هتي ڇا ڪوئي ڪنهن جي حسن جو لڳن آ؟

(٥) زمانو سڃاڻي انسان کـي اصل ڪان،
رفيق دنيا ساري سهڻن جـو وطـن آ.

٧- ڏانهون ڪري ٿو جتن،
در در ديوانن جيان،
عاشق اهڙي ئي تن.

٨- درشن ۽ ديدار،
هرڪو ڪري هر گهڙيءَ،
رهي ٻهار ٻهار.

٩- گلڙا گلڙا ٻار،
سينگارن سينگار ڪئي،
ٽڙي باغ بهار.

١٠- تنهنجا مٺڙا ٻول،
دل تي ڪن جادو ٿيا،
منهنجا مٺڙا ٻول.

١١- شاهه ڀٽائي گهوٽ،
عاشق روحاني ٻٽي،
چڙهيو مٿي چوٽ.

١٢- عشق اچي اڌ رات،
آهي شرميلو گهڻو.
لڪي وڃي پرڀات.

١٣- عشق لڳائي آڳ،
منهنجي ساهه سرير کي،
موٽڻ مشڪل ماڳ.

هائڪو

١- جام ڪٽي آ جام،
پيئون پڪڙي عشق ۾،
پٽجي عمر خيام.

٢- تصويرون جا روپ،
سمجهائن ٿيون زندگي.
آهي عشق انوپ.

٣- عشق اهو آهي راند،
سمجهي ٿو هرڪو جيئن،
پرجن پشپ پلاند.

٤- قدرت ڪيو ڪمال،
پيدا ڪري اکين کي.
ڏسي ڪوئي جمال.

٥- پڪ پڪ ڪري نه پيءُ،
ٿيءُ نه انڌو اُبهرو،
اجان ته آهي سيءُ.

٦- پٽي نه ڪائي ڪل،
مرشد جي قدمن لڳي،
ڏوهيڙا ٿيا گل.

٢١- آءُ هلي تون آءُ
ٻل ٻل ٿي سڏڙا ڪري،
مٺڙي جيجل ماءُ.

٢٢- اندر اچي تون ويهه،
تو ٻن آءُ اڪيلڙي،
ٻل رسي وڃي ڏيهه.

٢٣- ڪوڙين چون سلام،
تنهنجي تنهنجي عشق ۾.
ٻٽجي مست مدام.

٢- آيو آيو چور،
دل ٻ ڪري چوري ويو،
ڪنور لڳائي زور.

۱۴- اکڙين چيو آءُ،
عاشقيءَ اشارن ۾،
محبت جو اطلاع.

۱۵- ڳوڙها انهن نه ڳار،
ماڻڪ موتين کان مٺي،
پاڻي ڪري نه هار.

۱۶- پاڻي پاڻي پيئي،
هٿ نه لڳاءِ شراب کي،
شالت رهي تو جيئي.

۱۷- مڌڀري مڙي ساءُ،
ساهه ڇڏيان صدقي ڪري،
توسان رهي لڳاءُ.

۱۸- اکڙيون ڪن سلام،
جهڪي حسن کي سدا،
آيون ڪري الهام.

۱۹- اکڙين مڌجهه خمار،
سدا عجيبن جي رهي،
ڪڏهن کي خبر نه چار.

۲۰- ڀري ڀري ڏنا جام،
عاشق انهن هر گهڙي،
روح ڪري آرام.

غزل

(١) جل ۾ ڪمل رهي ٿو، گل کي نہ ڇهي پاڻي،
آهي زندگي ڪمل جي، ڪا عجب جي ڪهاڻي.

(٢) پياسي نہ رهي پياسي، ليڪن سدائي پياسي،
پئي لڪي ٿو جڳہ ڪان، ظاهر نہ رهي نشاني.

(٣) شاعر ٿئي نہ ڪوئي، گر عاشق بڻي نہ ڪوئي،
جذبات رهي جا دل ۾ بڻي نوي زباني.

(٤) قدرت ٺاهيو آهي نرلپ گل ڪمل کي،
نرليپ ۽ نرالو جڳهن جو نہ جڳہ ۾ ثاني.

(٥) رفيق آهي شاعر، ڳائي ٿو بي خوديءَ ۾،
قدرت جو ڪرشمو آ، جاڳي نئين جواني.

ڪافي

(١) اسان وٽس ڪيو عاشقانو آ،
مليو جنهن وٽان نذرانو آ.

(٢) آهي دل ڪنهن جي ديوانو ڪوئي،
آهي شمع ڪوئي، پروانو ڪوئي،
من محبت ۾ مستانو آ.

(٣) عشق اکڙين ۾ ٿو روز گھمي،
ٿو روز گھمي، ٿو ڪين سمهي،
دلبر جي اچڻ جو بهانو آ.

(٤) آيو عشق اکين ۾ مهمان ٿي،
آيو عشق دلين ۾ طوفان ٿي،
سڀ عشق سندو افسانو آ.

(٥) ٿو عشق ڪٿي ڪڏهن ڪين لڪي
آهي ڏينهن ڪٿي ۽ رات ڪٿي،
رفيق ٿيو بيگانو آ.

غزل

(۱) هر عرش جو نظارو ذرڙيءَ ۾ لڌي آهيو،
آسمان جو ستارو، ذرڙيءَ ۾ لڌي آهيو.

(۲) جڏهن حسن کي ٻڌايو، ورهي خدا هٿن سان،
سو حسن جو شڪارو، ذرڙيءَ ۾ لڌي آيو.

(۳) سجدو ڪرڻ کان اڳ ۾، خدا ٻي وضو ڪري ٿو،
سو ماڪ جو ڦوهارو ذرڙيءَ ۾ لڌي آهيو.

(۴) جڏهن کي خدا چئون ٿا، سو خود خدا نه آهي،
ڏٺي خدا جو ٻهارو ذرڙيءَ ۾ لڌي آهيو.

(۵) رفيق عشق نه ڪري ٿو، عشق کي نه ٻيدا،
ڏٺجي اکين جو تارو، ذرڙيءَ ۾ لڌي آهيو.

لاڏو

(١) ڪري راڄ دل تي، منهنجي دل جي راڻي،
آهي خوب صورت، منهنجي گهرياڻي.

(٢) آهي عشق ڪوڙو، جنهن جو جسم موٽو،
ڪري روز محنت، آهي ڪين اياڻي.

(٣) سينگار ڪري ٿي، سدا پيار ڪري ٿي،
منهنجي من کي موهي، مڌر چٽي واڻي،

(٤) اکڙيون ملائي، دل کي ٿي گهائي،
ڏوري غم دل جا ٿي نرس نماڻي.

(٥) خوب ڪري شيوا، ڪارائي ميوا،
ڀاڄي مکڻ جي روز روز چاڻي.

(٦) خدا جي خدائي، آهي عشق الاهي،
رفيق خلقي، جنهن سهڻي سياڻي.

غـــزل

(١) هيءَ شاعري غزل جي محفل جو شان ٿيندي
ڪا دل غزل جي ڳائي، هيءَ شمعدان ٿيندي.

(٢) هي حسن ٻي غزل آ، هي عشق ٻي غزل آ،
ساري زمين غزل جي گلستان ٿيندي.

(٣) هن دل ۾ جام آهي، آهي قلم ۾ جادو،
هيءَ زندگي غزل جو داستان ٿيندي.

(٤) هر دل ۾ هستي جاڳي، هر دل ۾ مستي جاڳي،
ذرڙي، گگن غزل جو آشيان ٿيندي.

(٥) ڪنهن کي اها خبر آهي، رفيق ڪير آهي؟
هيءَ دل و دنيا منهنجي پهچان ٿيندي.

غزل

(١) اُداسگر منهنجو، حيران ٿي رهيو آ،
وئي خوشي آرامي، پريشان ٿي رهيو آ.

(٢) سپنا جي سجايا هئا گلستان جا، مگر،
گلستان ڏيري ويران ٿي رهيو آ.

(٣) ڏاڍون هال الاجي ڪهڙي تقدير ڪٺي آيو،
لڙجي ويئون اُميدون، ارمان ٿي رهيو آ.

(٤) آهي حسن جي پدلي، ڪچرو گليءَ ۾،
پنهنجي ئي گهر ۾ هرڪو مهمان ٿي رهيو آ.

(٥) ڪنهن کي نه آهه فرصت، ڪوئي ڪري شڪايت،
پنهنجي ذاتي ۾ هرڪو غلطان ٿي رهيو آ.

(٦) رفيق ڪٺي آيو، پيغام هو خوشيءَ جو،
اچڻ چڻ گهڙين لاءِ، انسان ٿي رهيو آ.

غــزل

(۱) نہ محلن جي ضرورت آ، نہ منارن جي ضرورت آ،
مونکي تہ فقط پنھنجن پيارن جي ضرورت آ.

(۲) ھيءَ زندگي ملي آ، ڪڏھن عشق ۾ اچي،
تڏھن اشڪن جي دريا کي ڪنارن جي ضرورت آ.

(۳) ھوءُ چنڊ چڙھو تي عشق ۾ آسمان تو گھمي،
تڏھن چنڊ چڙئي کي ستارن جي ضرورت آ.

(۴) ڪٿي گل، ڇيو حسن، آھيان باغ بھاري،
تڏھن حسن کي گلشن جي نظارن جي ضرورت آ.

(۵) ديدار ڪم ديان ۾، محبوب سان گڏجي،
تڏھن محبوب کي محبت جي اشارن جي ضرورت آ.

غـــزل

(۱) جتي نياز نئڙس، اتي ناز آهي،
بندگي زندگيءَ جـــو هي راز آهي.

(۲) سڀالي رکيو خدا، سڀني ۾ دل کي،
مگر عرشن تـــي هڪڙو آواز آهـــي.

(۳) خـــدا جي خدائي، ڏنـي بندگيءَ ۾.
مگر زندگـي هڪڙو آواز آهـــي.

(۴) ٻڌو مون خدا کان سڀ زندگيءَ جو،
ڇائين بندگيءَ جـــو دل ساز آهـي.

(۵) رفيق بندگيءَ سان ٻٽي زندگي آ،
ٻٽايو زندگيءَ کـــي خـدا نياز آهـي.

من جون ڇوليون دل جون ٻوليون

(۱) هيري کي ٻئر سمجهي ڪنهن ٻاهر ڦٽي ڪيو،
بادشاهه لنگهيو، هيري کي کڻي، سر تي رکي چڙهيو.

(۲) گل کي نه ڪڏهن ٽوڙيو، گل کي ته ساهه آهي.
گل کي نه ڪڏهن وڇوڙيو، گل کي ته ماءُ آهي.

(۳) ڪو ٻئر هڻي يا گل هڻي، سڀي وٺندس،
درخت آهيان ڇانيا ۽ ڦل ڏئي وٺندس.

(۴) جنهن نينهن ڏنو آهي، سو مينهن ٻي ڏئي ٿو،
جنهن مينهن ڏنو آهي، سو نينهن ٻي ڏئي ٿو.

(۵) بادل اچي ٿو ٻرجي، برسات ٿو وسائي،
شاعر اچي ٿو ٻرجي جذبات ٿو وسائي.

غـــزل

(١) اِنتظار رهي ٿو ڪوئي شام غــزل جو،
پاڇي وچي هٿن ۾ ڪوئي جام غزل جو.

(٢) چنڊ ٿي چوڏهو گگن مان ڌرتيءَ تي لهي آيو،
ڳائي رهيو آ ڪوئي ڪلام غــزل جو.

(٣) هي عشق آهي غزل جو، جنهن تي چڙهي وڃي،
چاهي ٿــو، ڪوئي آڻي پيام غزل جو.

(٤) مشهور غزل - خوان ٿئي ٿــو جهان ۾.
پنڪج اُداس، ڪوئي گهنشيام غزل جــو.

(٥) هي آهي نشو ڪنهن جــو، ڏنو بيخودي،
رفيق پي بيٺو آ، ڪوئي نام غزل جو.

غزل

(١) ڏٺي مون خدا جي خدائي،
لڳيو عشق جنهن مان اِلاهي.

(٢) ٻجليءَ جو پيار پائي، بادل ٿو مسڪرائي،
خوشيءَ ۾ جنهن بارش وسائي،

(٣) ٽڙيا گل چمن ۾، وڻا سر گگن ۾،
ڌرتي سونهن پنهنجي وڌائي.

(٤) خوشيءَ ۾ خدا پي أتي ٻوڙي آهو،
مليو جام سڀ کي سوائي.

(٥) خدا جي ثنا ۾، رفيق غزل ڳائو،
خدا محفل پنهنجي لڳائي.

غـــزل

(١) او مٺا خـدا، توکي اسين پيار ڪنداسين،
سر کي جھڪائي، پيار جو اظهار ڪنداسين.

(٢) تون آهين ڪٿي، مسجد، ديول يـا مندر ۾،
تنهنجو ئي اسين دل ۾ ديدار ڪنداسين.

(٣) آهيون سڀئي تنهنجا ٻالڪ گلابي گـلـڙا،
توکـي ئـــي پتا پنهنجو اختيار ڪنداسين.

(٤) تون آهين سڀ جو خالق، تون آهين سڀ جو مالڪ،
توکي پنهنجي دل جـــو دلـدار ڪنداسين،

(٥) سارو جهان تنهنجو، آهـي مڪان تنهنجو،
رفيق تنهنجي گهر کي گـلـزار ڪنداسين.

غزل

(١) آسمان ۾ ڪن اکڙيون ڏيدار چنڊ جو،
ٻرجي وڃي ٿو دل ۾ مگر پيار چنڊ جو.

(٢) هي چنڊ آهي ڪوئي قدرت جو ڪرشمو،
يا روپ ڪيو خدا آهي، اختيار چنڊ جو،

(٣) هيء آهي ڪشش ڪهڙي؟ ٿيو رام ٻي چريو،
ڌرتي ملهائي عيد جو ٿيوهار چنڊ جو.

(٤) سمجهائي ڇڏيو خدا ٻي، ٿئي عشق راس جو،
گر ڪوئي ڪري ڏيهن جو، ٿئي گنهگار چنڊ جو.

(٥) رفيق پيار چنڊ جو پلائي نه، ڪو سگهي،
هر وقت رهي ٿو دل ۾ خمار چنڊ جو.

غـــزل

(١) خدا ٻـڌي چمن ۾ غزل ڳڻڳڻايو،
مڇي مـوج، مستي ڪا محفل لڳايو.

(٢) غزل جي ٻڌڻ جو مان شوقين آهيان،
هر غزل کي خدا جي اوهين دل ٻڌايو.

(٣) مان معشوق آهيان ۽ عاشق ٻي آهيان،
مولڪي چمب ٻڌايو يـا ٻادل ٻڌايو.

(٤) رفيق تـو ٻڪاري، خدا کـــي غزل ۾.
خـدا واسطي دل کي محفل ٻڌايو.

(٥) رفيق يار آهي، رفيق پيار آهي،
اوهين ڪيس محفل ۾ شامل ٻڌايو.

غزل

(١) دنيا ۾ سڀ کي ڪوئي دلدار ٿو کپي،
دلدار ٿو کپي، دل جو يار ٿو کپي.

(٢) آهو جهان ۾، جو ٻي جنم وٺي،
زندگي ٻٽي رهي انهن لاءِ پيار ٿو کپي.

(٣) گلشن ۾ رهي تازگي، سرهاڻ دلڪشي،
هر روز انهن کي شبنم بهار ٿو کپي.

(٤) دنيا ۾ حسن سڀ کي ديوانو بڻايو آ.
هر ڪنهن کي خوبصورت ديدار ٿو کپي.

(٥) رفيق شاعريءَ سان ڪيو عشق آ، مگر،
دل ۾ رهي خمار، گلزار ٿو کپي.

غـزل

(١) زمانو ڪڏهن ڀــي اچي آزمائي،
اسان هــار کائي، ڇـڏيـو سر جهڪائي.

(٢) خودي وڃي دل مان خدا ياد آيـو.
سدا يــاد ۾ ٿي دل آنسون وهائي.

(٣) جيئڻ ڀـي انهن جو، مرڻ ڀـي انهن جو،
ڇڏيو پاڻ کـي جن جيئڙي جلائي.

(٤) نہ آرزو رهي ٿي، نہ ڪائي تمنا،
ڪيو عشق جن ڀـي، الله ساڻ آهي.

(٥) رفيق ڀـي رهي ٿو سدا ئـي خوديءَ ۾.
چوي هر شعر ٿو، خوديءَ کــي ڀلائي.

غــزل

(١) تون يار منهنجو آهين، تون يار بڻي آءِ،
تون منهنجي دل جو دلدار بڻي آءُ.

(٢) تون يار آهين سهڻو، مون کي خبر آ،
ديده - چشم جو ديدار بڻي آءُ.

(٣) شبنم، بهارن آهي سجايو لوڪي،
تون خوشنما گلن جو گلزار بڻي آءُ.

(٤) ڏسي حسن ڪنهن جو، ڏسي عشق ڪنهن جو،
سونهن سندو رفيق سينگار بڻي آءُ.

غــزل

(١) قدرت جو هر نظارو، ٿو خدا جو گهر بڻي وڃي،
ڦهلي خدا جو نور ٿو سڄو بڻي وڃي.

(٢) آسمان جي حقيقت پلڪن ۾ ڇپائي مون،
ڪوليان تہ گل ستارن سان قمر بڻي وئي.

(٣) پڌري ٿي نور سان ڪيو پيدا خدا جن کي،
صورت آ، خدا پئي عشق ۾ چشم تر بڻي وڃي.

(٤) خارن ۾ ڇپائي ٿو خدا حسن کي مگر،
عشق ٿي خدا جي گهر جو در بڻي وڃي.

(٥) خدا پاڻ پئي حسن بڻي، ڪيو عشق کي آ پيدا،
رفيق خدا پئي عشق ۾ ٿو دلبر بڻي وڃي.

غزل

(۱) ٻڌم شري شهداد پوري پار ٿي ويو،
ديدار ٿيو دلدار جو، پيار ٿي ويو.

(۲) ظاهر آ، زماني ۾، ڪير ڪنهن کي سڃاڻي،
اکڙيون مليون اکين سان، اعتبار ٿي ويو.

(۳) رفيق غزل ڳائيو، پئي برسات گلن جي،
عاشق غزل جو هرڪو، بي اختيار ٿي ويو.

(۴) آهي غزل جو ماهر واپار ٿو ڪري،
رفيق جي غزل جو خريدار ٿي ويو.

(۵) هر گيت غزل رفيق جو لهي عرش تان اچي،
ڪهڙي خبر، هي ڪهڙو اسرار ٿي ويو.

غـــزل

(١) مونکي سهڻو سنگ شاهه مليو ويو،
زندگيءَ جي سفر جو همراهه ملي ويو.

(٢) هيس آءٌ اڪيلو، سڀني ڀلائي ڇڏيو،
مونکي وري جيئڻ جو چاهه ملي ويو.

(٣) انڌڪار هيو هر جاهه، نه روشني ڪٿي ٻي،
نوراني نظر، روشن ماهه ملي ويو.

(٤) رهيو ڏاند نه هڪڙو، ڪائي نه مان سگهان،
ٻوساٽ سنگرن جو، ڪٽاهه ملي ويو.

(٥) هيءَ آهي خوش نصيبي، يا ڪوئي ڪرشمو،
رفيق گهريو ٿورو، اٿاهه ملي ويو.

غزل

(١) اهو حسن آ، اهو جواني آ،
اهو عشق آ، اهو عاشقاني آ.

(٢) اهو محبت آ، اهو دل مستاني آ،
اهو بهار آ، اهو پريشاني آ.

(٣) اهو جام آ، اهو دل - گماني آ،
اهو شراب آ، اهو گلاب - داني آ.

(٤) اهو جذبات آ، اهو رواني آ،
اهو شاعري آ، اهو غزل - خواني آ،

(٥) رفيق اگر جهان ۾ ڪجهه آهي،
اهو آها خدا جي مهرباني آ.

غزل

(١) آرزو اٿم، هو دل کي ديوانو بڻايان مان،
گيت غزل ڳائي، مستانو بڻايان مان.

(٢) جو درد رهي دل ۾، دل کي ٿي جلائي ٿو،
دل جي شمع ٿي سڀ کي پروانو بڻايان مان.

(٣) ڇا جام آهي دل ۾، ڇا ڪلام آهي دل ۾،
پيام ملي سڀ کي مئخانو بڻايان مان.

(۴) هر گيت غزل مڌ ڀريو، دل جي زبان آهي،
هر گيت غزل دل جو افسانو بڻايان مان.

(٥) رفيق ڪٿي آهــو پيغام عاشقيءَ جو،
دل کي عاشقن جو نذرانو بڻايان مان.

غـــزل

(١) دل آهي جهڙيل منهنجي، ٻجهائي نہ آءٌ ڄاڻان،
دل آهي ڀريل غم سان، ٻڌائي نہ آءٌ ڄاڻان.

(٢) درد مان درد اُڏامي، موٽي وري اچي ٿو،
دل آهہ ڪهڙي منهنجي، دٻائي نہ آءٌ ڄاڻان.

(٣) دل جو پکي اُڏامي ور ور ڪري پوي ٿو،
دل آهي زخميل منهنجي، اُڏامي نہ آءٌ ڄاڻان.

(٤) مون کي خبر نہ ڪائي، خدا پيو رهي ٿو دل ۾،
دل ۾ رهيل خدا کي، رلائي نہ آءٌ ڄاڻان.

(٥) هيءَ دل بہ آ خدا جي، رفيق سارو جهان خدا جو،
دل ۾ ستل خدا کي، ستائي نہ آءٌ ڄاڻان.

غزل

(١) ٻيڙي ۾ آهي منهنجي، تون ئي ملاح آهين،
ساحل ٺاهيو توئي، تون ئي درياهه آهين.

(٢) انسان تو ٺاهيو، ايمان تو ٺاهيو،
هر عشق ۾ ٽٽي جو، تون ئي گناهه آهين.

(٣) منهنجو ٺٽي اُجايل، منهنجو ٺٽي سڪايل،
گلشن ۾ ڪشش منهنجي، تون ئي هڳاءُ آهين.

(٤) تصوير تو ٺاهين، تقدير تو ٺاهين،
ساري جهان جو مالڪ عالم پناهه آهين،

(٥) رفيق بي خوديءَ ۾، ڇا ڇا خدا چوي ٿو،
هي ئي آهي خادم منهنجو، تون ئي الله آهين.

غزل

(١) جي سهڻو خدا اسان جو اچي يار ٿي هوي،
دل منهنجي ڏسي، شل نه خريدار ٿي هوي.

(٢) صدين کان رکيو پاڻ کي جنهن ڇپائي،
سو يار بڻي يار جو ديدار ٿي هوي.

(٣) ڪوئي آهي جنهن جو عشق ڏينهن رات ٿو رهي،
شل عشق ۾ اچي نه بيمار ٿي هوي.

(٤) هيء آهي خدا، جنهن جي ڏني آهه خدائي،
شل پنهنجي خدائيء ۾ اچي نه گرفتار ٿي هوي.

(٥) رفيق رکيو راز خدا دل ۾ ڇپائي،
هرگز نه ڏئي ڪنهن کي مٿان رازدار ٿي هوي.

گيت

(١) اُتي جاءِ سنڌڙي، اُتي جاءِ جندڙي،
منهنجي ماءُ مٺڙي، اُتي جاءِ سنڌڙي.

(٢) سهڻي سنڌو، سونهن تنهنجي بندو،
آهين ماءُ سڀن جي، مومن هجي يا هندو،
شال جيئي شال تنهنجو سهاڳ سنڌڙي.

(٣) ساوا ساوا سهڻا هي کيت آهن،
هاري مٺڙا مٺڙا ٿا بيت ڳائن،
تنهنجو پليرو سڀ کان آهي ڀاڳ سنڌڙي.

(٤) درويشن، سنتن توکي سجايو،
ڏسي سونهن تنهنجي خدا پاڻ آيو،
آهين تون محبت جو سهڻو ماڳ سنڌڙي.

(٥) صوفي سانگ ڏيهن راس هتي آ،
اي غم جي هورم ناپاس هتي آ،
گونجي ڪنن ۾ الاهي راڳ سنڌڙي.

(٦) تو وٽ نه ڪنهن جي ڪائي کاٽ آهي،
هيرا مالڪ موتي سنڌي کاٽ آهي،
آهي سون جو درياءَ اجهاڳ سنڌڙي.

(٧) جا سونهن تنهنجي، رفيق جا حسن آ تنهنجو،
بهتر بهشت کان گلشن آ تنهنجو،
تو وٽ خوشي ۽ وراڳ سنڌڙي.

غزل

(١) حقيقت کان بي خبر ٿي الزام ڏري ڪوئي،
شخصيت کان بي خبر ٿي بدنام ڪري ڪوئي.

(٢) اکڙين ۾ پيار آهي، نظرن ۾ بهار آهي،
پلڪن ۾ ڇپائي آنسون، غلام ڪري ڪوئي.

(٣) معشوق ڇو الاجي عاشق ٿيڻ ٿو چاهي،
جو درد جاڳيو دل ۾، پيام ڪري ڪوئي.

(٤) درپن ۾ ڏسي پاڻ کي، ٿو حسن جهڪائي نظرون،
پنهنجي خنجر سان پاڻ کي قتلام ڪري ڪوئي.

(٥) رفيق ڇو الاجي، غمگين رهي ٿو هاڻي،
بي نام آهي ڪوئي، بي نام ڪري ڪوئي.

غزل

(١) مستيءَ ۾ رهان ٿو، مستيءَ ۾ چوان ٿو،
کھڙي خبر، آءُ کھڙيءَ هستيءَ ۾ رهان ٿو.

(٢) مون کي خدا بڻايو، شاعر هن جڳ ۾،
شاعر بڻجي آيس، شاعر بڻي رهان ٿو.

(٣) قدرت جو هر نظارو، قدرت جو هر پيارو،
آسمان ۾ اڏامي، عاشق بڻي ڏسان ٿو.

(٤) مونکان لڪل نه آهي، ڪڏهن دل جو درد ڪوئي،
دل آهي دور بيني، سڀ ڪجهه ڏسي سگهان ٿو.

(٥) ڪوئي نه مونکي ڄاڻي، ڪوئي ڀلي ٿو سڃاڻي،
آهيان مان شاهه، ليڪن فقير ٿي گهمان ٿو.

(٦) هر حسن تي نظر آ، اکڙين ۾ عشق آهي،
رفيق هر حسن ۾، پنهنجو خدا پسان ٿو.

غـــزل

(١) جهڙيون نگاهون، تهڙي آواز جي عنايت،
آهي خدا جي ڪنهن ني ڪنهن راز جي عنايت.

(٢) ملاقات هئي ڪون ٿي، جڏ ملاقات روبرو هئي،
آواز ۾ هئي ڇا، انداز جي عنايت.

(٣) حسن جي مٿي سدن جي سرهاڻ کٽي آئي،
گل جي ڏسي نزاڪت، ٿي ناز جي عنايت.

(٤) معشوق دل رکي ٿي عاشقن جي عاشقي،
آهي ازل کان عشق کي پرواز جي عنايت.

(٥) رفيق دوست دل جو مستيءَ ۾ مست آهي،
شاعر جي مستي آهي سڀ نياز جي عنايت.

غـزل

(۱) حسن وارن جو هتو گهر جي،
قرب وارن جو هتو گهر جي.

(۲) آسمان ۾ سيج سجائي جاڳن،
چنڊ تارن جو هتو گهر جي.

(۳) باغ ۾ سهڻن جي آڇيان خاطر،
سوالهن وارن جو هتو گهر جي.

(۴) گلن تي ڀنؤر ٿي ڦيرا پائن،
عشق وارن جو هتو گهر جي.

(۵) شمع لي پاڻ جلائي جاڳن،
دلدارن جو هتو گهر جي.

(٦) دوست پٺي، دوستي نباهي جاڳن،
رفيق يارن جو هتو گهر جي.

غــزل

(١) عشق ۾ عشق جو اظهار ڪري ڪوئي،
عشق ۾ عشق جو اقرار ڪري ڪوئي.

(٢) عشق لئي ڪري ٿو عشق جا راز ظاهر،
عشق ۾ عشق جو اَعتبار ڪري ڪوئي.

(٣) عشق حيران رهي حسن جو ڏسي جلوه،
عشق ۾ حسن جو ديدار ڪري ڪوئي.

(۴) پيار چلڪي ٿو نيڻن مان عشق بڻي،
عشق ۾ اکڙين سان پيار ڪري ڪوئي.

(٥) زندگيءَ آهه رهي عشق جي عدايمع رفيق،
عشق ۾ زندگي گلزار ڪري ڪوئي.

غزل

(١) شعر منهنجي شاعري، آهي خدا جي واسطي،
عشق اندر ظاهري، آهي خدا جي واسطي.

(٢) حسن تي هر ڪو چريو، عاشق سڀڪو گهمي،
ٿو پاڻ کي ڪو ڪو جلائي خدا جي واسطي.

(٣) تو رهي دل ۾ خدا، ڪوئي نه ڄاڻي راز کي،
راز دل ۾ ڪنهن رکيو آهي خدا جي واسطي.

(٤) باغ ۾ آئي بهاري، آيو هر گل ۾ نکار،
پيار ۾ بلبل اچي ڳائي، خدا جي واسطي.

(٥) آب اڪثرن ۾ رهي ٿو، عشق جو درياهه رفيق،
ڪو آب مشڪل ٿي وهائي، خدا جي واسطي.

غزل

(١) خدا چا چا نہ بڻائي تو چڏي،
خدا حيران بڻائي تو چڏي.

(٢) باغ بهڪندڙ گلشن ۾،
گلن ۾ سرهاڻ بڻائي تو چڏي،

(٣) عشق ڪڏهن سان ڪري ڪوئي.
اکڙين کي زبان بڻائي تو چڏي.

(٤) دل جا بند سيني ۾ رهي،
محبت جي ڪاٺ بڻائي تو چڏي.

(٥) برسات جي بوند بوند مڇهان،
دريا، مهراڻ بڻائي تو چڏي.

(٦) رفيق موج مستيءَ ۾ اچي،
ذرڙي آسمان بڻائي تو چڏي.

غزل

(۱) خدا جي قدرت تہ ڏسو،
خدا جي محبت تہ ڏسو.

(۲) خوشبو ڦهلي گلشن ۾،
خدا جي عنايت تہ ڏسو،

(۳) خدا بخشيو انسان کي،
خدا جي سخاوت تہ ڏسو.

(۴) عشق رهي اکڙين ۾،
خدا جي ڪرامت تہ ڏسو.

(۵) ساگر بند ڪنارن ۾،
خدا جي عظمت تہ ڏسو.

(۶) چنڊ گهمي عرشن تي،
خدا جي زيارت تہ ڏسو.

(۷) رفيق بڻيو شاعر آهي،
خدا جي رحمت تہ ڏسو.

گيت

(۱) ڪٿي وڃ وطن ڏي منهنجو سلام ساڻي،
چئج تون سڀن کي منهنجو سلام ساڻي.

(۲) سدائين سڀن کي وطن ياد آهي،
وطن ياد آهي، ته دل شاد آهي،
ڪٿي وڃ پيارا جو تون پيغام ساڻي.

(۳) صبوح شام وطن کي دل تي سنڀاري،
سندس ياد دل کي رکيو آ جياري،
وطن جو چمن تي آهي نام ساڻي.

(۴) سدا سڪ وطن جي پئي تي ستائي،
جدائي وطن جي پئي تي جلائي،
ڪيو آ وطن جي محبت غلام ساڻي.

(۵) جنهين چنڊ تارا، آسمان آهي،
جنهين آهي ڌرتي، سارو جهان آهي.
رفيق جو وطن ڏي، ڪٿي وڃ سلام ساڻي.

غزل

(١) ڪوئي حبيب منهنجو يار ٿي وڃي،
ڪوئي عجيب منهنجو يار ٿي وڃي.

(٢) مسڪين آهه ڪوئي، مان شاهه ٿو بڻايان،
ڪوئي غريب منهنجو يار ٿي وڃي.

(٣) جنهن سان ڪريان محبت ڪولي ڇڏيان ٿو قسمت،
ڪوئي نصيب منهنجو يار ٿي وڃي،

(٤) همت ۾ ڪتاب آهي، شاعر خطاب آهي،
ڪوئي اديب منهنجو يار ٿي وڃي.

(٥) رقيب آهه ڪوئي، رفيق ٿو بڻايان،
ڪوئي رقيب منهنجو يار ٿي وڃي.

غزل

(١) مڃ منت منهنجي مولڪي پار ڪري وڃ،
ڏئي پيار پنهنجو خريدار ڪري وڃ.

(٢) ڏسي حسن تنهنجو، اکڙيون جهڪايون،
اکڙيون ملائي، گنهگار ڪري وڃ.

(٣) تون پاڪ آهين، يا آهي عڪس تنهنجو،
آهيان آءٌ ننڊ ۾، بيدار ڪري وڃ.

(٤) آهيان جڳن کان تنهنجو سڪايل،
عاشق بڻجي، مون کي پيار ڪري وڃ.

(٥) رفيق پيار ڪري، لڳي نه نظر ڪا،
ٿورو پيار پيار ۾، تڪرار ڪري وڃ.

غزل

(١) خدا جو حسن ڪهڙو ايمان ٿو وڌائي،
دنيا جو حسن ڪهڙو اِي ايمان ٿو بڻائي.

(٢) قدرت جو هر نظارو، آهي خدا جي هستي،
آڻي اکين ۾ مستي، حيران ٿو بڻائي.

(٣) عرش تي بجلي بادل، سج، چنڊ ۽ ستارا،
شيطان دل کي بدلي اِنسان ٿو بڻائي.

(٤) دنيا جي خوشي دولت، هر ملڪ جي حڪومت،
ڪنهن جو حسين چهرو، پريشان ٿو بڻائي.

(٥) آهي بهار اهڙو، آهي خمار اهڙو،
رفيق مجذوب کي پي مستان ٿو بڻائي.

غـــزل

(١) مالڪ جي مرضيءَ سان ئي هر گل تيار آهي،
مالڪ جي حاضريءَ ۾ بلبل بهار آهي.

(٢) گلشن جي هستي جاڳي، هر گل ۾ مستي جاڳي،
هر دل ۾ شوق جاڳيو، هر دل ۾ پيار آهي.

(٣) ڏسي حسن عاشقانو، آيو حسن جو ديوانو،
اکڙين ۾ آجيان لاءِ، ڪاجل خمار آهي.

(٤) موسم آ سهاڻي، هرڪو ٿئي سلامي،
هر گل سان گڏجي محفل ۾ نکار آهي.

(٥) ديدار ڪري ڪوئي، پيار ڪري ڪوئي،
رفيق رهيو دل ۾ مشڪل قرار آهي.

غزل

(١) رفيق جو غزل آ، حسن جواني آ،
رفيق جو غزل آ، عاشق جي ڪهاڻي آ.

(٢) اکڙين ۾ پيار آهي، شاهي خمار آهي،
ڪڏهن يار جي تلاشي، نظرن جي پيالي آ.

(٣) رفيق ڪٿي آيو، زندگي غزل ۾.
آهي زندگيءَ جي ڌڙڪن، آرام ۽ رواني آ.

(٤) هر زندگي حسن آ، هر زندگي عشق آهي،
رفيق غزل آهي رفيق غزل - خواني.

(٥) هيءَ دنيا آهه فاني، سڀ حسن ۽ جواني.
رفيق جو غزل ئي ان جي رهندو نشاني.

غــــزل

(١) تــو ڪين ماريو، تنهنجي محبت آ ماريو،
مــان سپنن ۾ وٺي آ توکــي پڪاريو.

(٢) ڪٽي آهس مــان تـو وٽ سندم سڪ سالن جي،
مگر ڇـو الاجي تــو مون کـي ٺڪاريو.

(٣) اسان کـي ڪپي ٿـي تنهنجي محبت،
محبت ئــي تنهنجي آ مونکي جيئاريو.

(٤) ستائن ٿيون مـون کــي سندء يادگيريون،
مـون ور ور ڪري آ تــو ڏي نهاريو.

(٥) رفيق محبت ئــي تنهنجي ڇڪي ٿــي،
محبت ۾ ئـي توتي اسان پاڻ واريو.

غـــزل

(١) تو مون کي بڻايو آ، مون توکي بڻايو آ،
ڇا توکي خبر ناهي، خدا ڪنهن توکي بڻايو آ.

(٢) هيءَ تنهنجي خدائي آ، همت عشق اِلاهي آ،
ڇو حسن ڏسي پنهنجو تو پاڻ پلايو آ.

(٣) ڪوئي چئي ساگر، ڪوئي چئي ساحل،
ليڪن اٿي مون پاڳل، ڇا توکي سڃاتو آ.

(٤) هر دل ۾ تون رهين ٿو، محفل ۾ تون رهين ٿو،
توکي اڃا ڏسي ڪوئي، تو پاڻ ڇپايو آ.

(٥) رفيق بي خبر ٿي، مان راز چئي ويٺس،
پنهنجي ئي گهر ۾، پاڻ کي مهمان بڻايو آ.

غـزل

(١) حسن ٻـي ستايو، وطـن ٻـي ستايو.
اسان کي نہ آهي ٻدھڇن ستايو،

(٢) حسن ٻـي کري ٿـو، ستائڻ جي حرکت،
اسان کي جوانيءَ جي زخمن ستايو.

(٣) کري ياد، روئون ٿـا ٻدھڇي وطن کي،
اسان کي وطن جي خوابن ستايو.

(٤) کريون ٿـا محبت، حسن سان، وطـن سان،
اسان کي ٻنهي جي خيالن ستايو.

(٥) نمدا رهي ٿـي، خدا کـــي ٻسڻ جي،
رفيق آ خـــدا جي ٻـي سچن ستايو.

غزل

(١) حج تي وڃڻ جي عادت ڪنداسين،
مگر سڀ کان پهرين محبت ڪنداسين.

(٢) چون ٿا محبت آ نالو خدا جو،
خدا جي محبت سان صحبت ڪنداسين.

(٣) اکڙين سان سڀ کي اِشارا ڏئي ٿو،
اسان بيان ٻنهجي حقيقت ڪنداسين.

(٤) محبت ڪئي آ، نباهي ٻي ڄاڻون،
محبت ۾ واهي خدمت ڪنداسين.

(٥) اسان کي وڏي ٿي خدمت خدا جي،
خدا چاهي رفيق ته عبادت ڪنداسين.

غزل

(١) پوشاڪ خدا تو پهري، نيلاب آسماني،
ساگر پڻ آسماني، آڪاش آسماني.

(٢) ڇهري مان ٻجليون چمڪن، سر جي مٿان گهٽائون،
آفتاب حسن آهي، ماهتاب آ جواني.

(٣) هستيءَ ۾ جڏهن آيو، مستيءَ ۾ جڏهن آيو،
سارو جهان آهي، خدا جي عشق جي نشاني.

(٤) قائم رهي ٿي قدرت، قدمن ۾ سر جهڪائي،
دربار سندس اعليٰ، لاثاني، لاٻالي.

(٥) عاشق ڏٺي ٿورن ٿا، هر طرف کان ستارا،
هرڪو ٻڌائي ٻڌهجي ٿو، قرب جي ڪهاڻي.

(٦) اڪ چپ ۾ ڪري ٿو پيدا، اڪ چپ ۾ ڪري فنا ٿو،
رفيق راز خدا جو، سگهي ٿو خدا ڄاڻي.

غزل

(۱) سهي ڪين سگهندو، وطن جي جدائي،
جدا جو رهي ٿو، ڪري بيوفائي.

(۲) چون ٿا وديشي ٿا ناڻو ڪمائون،
اڃا عشق جي ان کي سمجهه ڪين آئي.

(۳) ڏين ٿا ٻهانا ٻاهر وڃڻ جا،
ڏين ٿا سبب ڪري ٻڪ ٻڪ اجائي.

(۴) ويو جام پنهنجي هٿ مان کسڪي،
پيالا ڪين ڏيندو، انهن جي صفائي.

(۵) رفيق هٿ وطن جا، پيو ڪمزور آهن،
خدا شل نه آڻي وطن جي تباهي.

غــزل

(١) گڏجي خوشيون مدايون، نئون سال آيو،
ماضيءَ جو هر اَنڌيرو، ٻٽجي مشعال آيو.

(٢) قدرت جي نظارن ۾ نوبت وڄي رهي آ،
هر دل ۾ ڪلامن جو ڪامل قوال آيو.

(٣) حيران ٿي خدا ٻي ڏسي عرش مان زمين ڏي،
مون ڪان حسين ڪھڙو جلوو جمال آيو.

(٤) سجدو ڪري ٿو ڪوئي، واعدو ڪري ٿو ڪوئي،
مريد جي ملڻ لاءِ مرشد جــلال آيو.

(٥) هر دل ۾ آرزو جــو روشن چراغ آهي،
رفيق جي وجد ۾ وحدت وصال آيو.

غـــزل

(۱) چنڊ ڪڙهيو گگن ۾، چانڊاڻ ٿي وئي،
گـــل ٽڙيو چمن ۾ سرهاڻ ٿـــي وئي.

(۲) موسم بهار جي گلشن جي وات مـــان،
ٻهڪڻجي ئي حسن جي واکاڻ ٿي وئي.

(۳) ڇنڊو ڏسي هوا کي ڪو گل، حياءُ ڪان،
گلاب جي گلن ۾ لالاڻ ٿي وئي.

(۴) سمجهي سگهيو ڪين ڪوئي راز ڪي، مگر،
اِن دلين جي ٻاڻ ۾ چڪتاڻ ٿي وئي.

(۵) رفيق سراحيءَ مـــان هر جام ٿـــي پيو،
مستيءَ ۾ هر جام جي آڻ آڻ ٿي وئي.

غزل

(١) آزادي ملي، مان پنهنجو وطن نيلام ڪري آيس،
انسان جي تهذيب، بدنام ڪري آيس.

(٢) آزاديءَ جي خاطر مون دفلي وڄائي،
معصوم گلابي چهرا، قتلام ڪري آيس.

(٣) هي آهه نشو ڪوئي يا ڪائي بد حواسي،
آرام لاءِ مان جيون حرام ڪري آيس.

(٤) مون سنڌو ناڪ ڪي، سچو ديش جو سپاهي،
عوام کي حاڪم جو غلام ڪري آيس،

(٥) هر جاءِ ظلم آهي، راڪاس گهمي ٿو.
رفيق رام سنگهه آهي، سنام ڪري آيس.

غـزل

(١) سڀ جو ڀرپور ڏسان ٿو، خالي آ جام منهنجو،
هر ڪنهن جو نام آهي، ڪوئي نه نام منهنجو.

(٢) سيني مان درد ٻاهر، پڪي گليءَ ۾،
هر ڪنهن کي خوشي راحت، جيون حرام منهنجو.

(٣) اکڙين مان ڪري آنسون، ڪن لاءِ ٻڻن قيامت،
مون لاءِ مگر سي آنسون، آهن پيام منهنجو.

(٤) هر ڪنهن کي وطن پنهنجو، مون کي نه وطن ڪوئي،
هر ڪنهن جو دام آهي، ڪوئي نه دام منهنجو.

(٥) بيدرد آهه ڪوئي، بيدرد جو رهي ٿو،
جنهن کي آ درد دل ۾، تنهن کي سلام منهنجو.

(٦) رفيق جو الاهي روئي ڏنو غزل ٿي،
ڪهڙو خيال آيو ڪٿي هوءَ ڪلام منهنجو.

غزل

(١) شاهه جي قدمن ۾ جهڪي ايـاز خاڪ ٿي پيو،
آهي شڪر، قدمن سان لڳي پاڪ ٿـي پيو.

(٢) نـادان آهي ڪوئي جو پيٽ تو ڪري،
چاڪاڻ سندس مَن، ٻـڌي ناپاڪ ٿي پيو.

(٣) شاهه آهـي سنڌ جو روحانـي سڪندر،
روحاني دنيا قائم، املاڪ ٿي پيو.

(٤) هر گيت، هر درويش جو الاهي ڪلام آهي،
ڪائي نه ڪنهنجي پرواهه، بيباڪ ٿي پيو.

(٥) سرهاڻ ڦهلي، شاهه جي ساري جهان ۾،
رفيق خدا جي محفل جو هيراڪ ٿي پيو.

غـزل

(١) رهيو آهيان ڪنهن کي نهاري نهاري،
پيو پچار ڪنهن جو پڪاري پڪاري.

(٢) خدائي ڏٺي مون خـدا جي حسن جي،
وکيو جنهن مثل کـي جهاري جياري.

(٣) آهـي ڪو سـڪايل، آهـي ڪو ڏکايل،
هلي هرڪو ڪنهن جـي سهاري سهاري.

(۴) اڃـا روح آهـي عشق جـو أڃايل،
اچي جـام ڪوئي پياري پياري.

(٥) رفيق آيـا آهيون، منزل جـي ويجهو،
لڳي جـاط ڪشتي ڪناري ڪناري.

غـــزل

(١) ملڪ جو واپار وڌيو، ڀرشٽاچار جي بازار گرم،
اخلاق سڀيتا غائب، ٻيار جي بازار گرم.

(٢) عشق هر ڪوئي ڪري، حسن هرڪائي ڇڏيو،
حسن وڪامي نه وڃي، خريدار جي بازار گرم.

(٣) دل جي سچائي نه ڪٿي، دل جي صفائي نه ڪٿي،
سهڻي سوٽي نه لڳي، سينگار جي بازار گرم.

(٤) جن وديشين کي ڪڍيو ديس وارن هڪالي ٻاهر،
تن وديشين جي هٿيار واپار جي بازار گرم.

(٥) غدار جو نالو ٻڌي سر جهڪايو ٿي سڀن،
رفيق هاڻي مگر غدار جي بازار گرم.

غزل

(١) ڇو وساري ٿو ڇڏيو، پنهنجي وطن کي ياد ڪر،
جڏهن سڄاڻو ٿي وطن، تون تڏهن چمن کي ياد ڪر.

(٢) جن هوائن ۾ پلي، پنهنجي وطن جي هر خوشي،
ان هوائن جي فضا، ڌرتي، گگن کي ياد ڪر.

(٣) پنهنجي محبوبا! ٿئي تنهنجو جڏهن چهرو اداس،
روئي روئي مون چميو تنهنجي لبن کي ياد ڪر.

(٤) لڙڪي لڙڪي، مون چيو پنهنجي وطن کي الوداع،
جو مليو جهڙي ڪفن، تون تڏهن ڪفن کي ياد ڪر.

(٥) زندگيءَ جو قافلو، جت پئي هٽي منزل رفيق،
ليڪ اُتي جنهن کو پڙهي، پنهنجي وطن کي ياد ڪر.

گيت

(۱) او منهنجا ڀارت توکي، ڪهڙي ڪين اهڃاڻ،
گوتم جي اهڃاڻ، گانڌيءَ جي اهڃاڻ.

(۲) آزادي ملي ڪنهن کي، آبادي ملي ڪنهن کي،
خوشحال ٿيو ڪوئي، بدحال ٿيو ڪوئي،
او منهنجا ڀارت توکي، ڪهڙي ڪين اهڃاڻ.

(۳) ڪنهن سڀ ڪجهه لٽايو، ڪنهن ڪين ڪي وڃايو،
ڪي جيءَ جلائي ويٺا، ڪي سيج سجائي ويٺا،
او منهنجا ڀارت توکي، ڪهڙي ڪين اهڃاڻ.

(۴) جدون هيو ڪنهن جو، خون وهيو ڪنهن جو،
ڳوڙهو ڳڙيو نه ڪنهن جو، سيندو نه سڙيو ڪنهن جو،
او منهنجا ڀارت توکي، ڪهڙي ڪين اهڃاڻ.

(۵) ڪي ويٺا وطن وڃائي، ڪي ويٺا وطن ٺاهي،
ڪنهن کي ٿيا گهاو ڪيئي، ڪنهن کي نه ڇيهو ڪوئي،
او منهنجا ڀارت توکي، ڪهڙي ڪين اهڃاڻ.

(٦) گوتم کي رحم آيو، ڪنهن کي نه جنهن ستايو،
رفيق جنهن ديا جو پيغام کڻي هو آيو،
او منهنجا ڀارت توکي، ڪهڙي ڪين اهڃاڻ.

شعر

(١) مون چاهيو ويٺي ليٽي، خوش ٿيس پنهنجي گهر ۾،
گولي هڻي ڪنهن ماريو، پئجي رهيس قبر ۾.

(٢) ڊاڪو سجاڳ آهن، عالم ستل آهي،
جاڳي رهيو هو جيڪو، هاڻي مئل آهي.

(٣) آزادي آهي سڀ لاءِ، ڳالهائي کلي رهيو آ،
روئي رهيو آ هر ڪو، قاتل کلي رهيو آ.

(٤) ڪنهن کان نه دور آهن، سڀ جي قريب آهن،
رفيق سڀ انهي ۾، شاعر اديب آهن.

غـــزل

(١) اَنبر جي رهي آهي آسمان تي نظر،
ظالم خزان جي آهي گلستان تي نظر.

(٢) هر دل کي خوف آهي دهشت انگيز ڪان،
جو ملڪ کي اُجاڙي طوفان تي نظر.

(٣) هرڪو ٿو سمجهي پاڻ کي اڄ خود خدا ڪري،
شيطان جي رهي ٿي ڀڳوان تي نظر.

(٤) اڄ حقيقت ڦري آهه. هٽيو خوددار جو زمانو،
سنگدل جي رهي رحمدل انسان تي نظر.

(٥) رفيق ڏسي ڪوئي نه ڀيلو ۽ وسيلو،
ڪمزور جي رهي ٿي احسان تي نظر.

غزل

(١) ديدار دوا آهي، ٻيمار شفا آهي،
ڪنهن کي نہ خبر ڪائي منهنجو يار ريا آهي.

(٢) ديدار مان ڪريان ٿو، ٻيمار مان ڪريان ٿو،
ٻيمار مان رهان ٿو، هيءَ ڪهڙي سزا آهي.

(٣) مان ٻاغ سجايان ٿو، توکي ٿي لڀايان ٿو،
سينگار ڪريان ٿو لاءِ، ڇا منهنجي خطا آهي.

(٤) هر جاءِ بستي تنهنجي، هر جاءِ هستي تنهنجي،
لاچار ڇو مگر آءٌ، هيءَ ڪهڙي وفا آهي.

(٥) تون آفتاب آهين، تون ماهتاب آهين،
انڌڪار آءٌ، رفيق هي ڪهڙو مهہ لقا آهي.

غـــزل

(١) منهن ڏينهن جـو لڪائين، ڪهڙو حساب آهي،
منهن رات جـو سجائين ڪهڙو حساب آهي؟

(٢) ڏينهن جو ڪرين تون شيوا، سمجهي ڪري تون ديوا،
مگر رات جو ستائين، ڪهڙو حساب آهي؟

(٣) ڏينهن جو لکي نه ڄاڻين، ڏينهن جو پڙهي نه ڄاڻين،
مگر رات جـو پڙهائين، ڪهڙو حساب آهي.

(٤) ديدار ڪرين دل ۾، درين تـه وٺي توکي،
درين تـون پـاڪ آهين، ڪهڙو حساب آهي.

(٥) رفيق راس جو، ڪڏهن ڪان تون ڪڄهہ گهرين ٿو،
ڏينهن جو تون شاهه آهين، ڪهڙو حساب آهي؟

غــــزل

(۱) زندگي بڻي خواب رهجي ٿي وڃي،
پيار بڻي حجاب رهجي ٿي وڃي.

(۲) ڪير چوندو، مون ۾ ڪيو عشق آهي،
عشق بڻي آب رهجي ٿي وڃي.

(۳) گلشن ۾ هر قسم جا گل ٽڙيا آهن،
گلشن بڻي گلاب رهجي ٿي وڃي.

(۴) آهه حقيقت حسن ڪري عشق کي پيدا،
حسن بڻي ناب رهجي ٿي وڃي.

(۵) شاعريءَ سان عشق ڪيو آهي رفيق،
شاعر بڻي خطاب رهجي ٿي وڃي.

غزل

(١) جو عشق هيو دل ۾، اشڪن ۾ هليو آيو،
جو روپ هيو دل ۾، ڌيان ۾ هليو آيو.

(٢) ٻولهي سگهيو ڪين ڪوئي پيار کي، مگر،
جو پيار هيو دل ۾، پلڪن ۾ هليو آيو.

(٣) جو حسن جهڪائي اکڙيون پنهنجي حجب کان،
جو شرم هيو دل ۾، اکڙين ۾ هليو آيو.

(٤) ڪهڙي خبر خدا کي ڪٿي آهه قيد خالو،
جو قيد هيو دل ۾، زلفن ۾ هليو آيو.

(٥) رفيق راز دل جو سنڀالي نه دل سگهي،
جو راز هيو دل ۾، ڌڙڪن ۾ هليو آيو.

غزل

(١) آهي دنيا عاشقي، بهار ئي بهار آ،
آهي دنيا عاشقي، بهار ئي بهار آ.

(٢) ڪو ڪٿي آهي ڪٿان، آهي بوتل ۾ شراب،
ديسي هجي ولائتي، خمار ئي خمار آ.

(٣) گلشن سجاوت ٿو ڪري، عاشقن جي راهه ۾،
حسن جي پئي شاڳڙي، سينگار ئي سينگار آ.

(٤) ڪو ڪري ٿو بندگي، ڪو زيارت ٿو ڪري،
هر ڪا خدا جي بندگي، گلزار ئي گلزار آ.

(٥) رفيق پڻ آهي چريو، ٿو دل ڪٿي در در گهمي،
عشق جي ديوانگي، ديدار ئي ديدار آ.

غـــزل

(۱) آيس مان مسافر ٿي، ڪوئي نام ڪري ويندس،
آيس صبح سوير، ڪوئي شام ڪري ويندس.

(۲) ڪوئي نه مونکي ڄاڻي، ڪنهن کي نه مان سڃاڻان،
محبت ۾ آءٌ سڀ کي غلام ڪري ويندس.

(۳) قدرت کان مليل آهي، مونکي ساز شاعريءَ جو،
سوغات سڀ جي خاطر، ڪلام ڪري ويندس.

(۴) ٿي شام، هاڻي ٿيندي، موٽي وڃڻ جي تياري
رفيق ويندي سڀ کي سلام ڪري ويندس.

غزل

(١) ڪوئي چوي چريو آ، ڪوئي چوي ديوانو،
آهي گليءَ گليءَ ۾ مشهور هي فسانو.

(٢) گلشن ۾ گل جي هوندو پيڙو ضرور ايندو،
ايندو اچي لنگهندو، خوشبوءِ جو خزانو.

(٣) چنڊ کي چڪور چاهي، چنڊ ڏي وڃي ٿو ڪاهي،
دلدار جي ملڻ لاءِ، ٿيو عشق عاشقانو.

(٤) سنگيت پئي هرڻ جي، سڌ ٻڌ ڇڏي ڀلائي،
ڪري ساهه سو تان صدقي، ڪوئي نه ڏئي ٻهانو.

(٥) رفيق دل لڳائي، تنهن کهڙي ٿي ٻرائي،
هڪڙو نه چا حسن تي، آهي چريو زمانو.

غزل

(۱) داتار تنهنجي در تي فقير بڻجي آيس،
ڪوئي ڏي دم دلاسو اَڌير بڻجي آيس.

(۲) نالو سڻي آهي ڪانه سڌ صبر جي،
حبيب تنهنجي حب مان حقير بڻجي آيس،

(۳) اکڙين جي جوت آهين، آهين نور جوت جڳ جي،
آهيان مان اَمر آتما، سرير بڻجي آيس.

(۴) پنهنجي مان وطن پنهنجو پرديس آيو آهيان،
سلطان هوس ليڪن تقدير بڻجي آيس،

(۵) رفيق تي رحم ڪر، ڪرم ٿي ڪرم ڪر،
تنهنجي حڪم سان شاعر اَمير بڻجي آيس.

غزل

(١) زماني کي ڪجهه نه ڪجهه ڏئي ويندا سين،
ٻه چار ڳالهيون محبت جون، چئي ويندا سين.

(٢) دور ديس کان آيا سين، سڀڙ جي خاطر،
ڇا هتي هميشه لاءِ رهي پوندا سين؟

(٣) جي ڳڏو راهه ۾ همدم ڪوئي،
راز دل جو اُن کي ڏئي ويندا سين،

(٤) جن ڏنو آ ساٿ هن سفر ۾ اي رفيق،
شڪرگذاريءَ سان اُن کي، الوداع چئي ويندا سين،

غـــزل

(١) مـون پيار ڪري پـاڻ کـي ديوانو بڻايو آ،
مـون دل پنهنجيءَ کـي ميخانو بڻايـو آ.

(٢) حسن نـه ڄاڻي عشق جي، هڪ جام پـي ڇڏي،
محبت ۾ ڪيترن کـــي مستانو بڻايو آ.

(٣) ڪهڙي دل ۾ ڪهڙي ديوانـگي رهـي آ،
اکـڙين ۾ حـيـا شرم آشيانو بڻايو آ.

(٤) ڪٿي دشمني زماني سان ڪوئي نـه سبب هوندو،
اڄ منهنجي حسن سڀ کـي بيگانو بڻايو آ.

(٥) هـي آهي دلڪشي يـا هڪ خواب خوبصورت،
رفيق زندگيءَ جـــو اَفسانـو بڻايو آ.

غزل

(١) الله ڪري شال رهي ٻيار سلامت،
هر دل جو رهي يار ۽ دلدار سلامت.

(٢) درٻن ۾ ڏسي ٻار کي هڪ ٽهڪ اچي ويو،
هر ڪوئي رکي ديد لاءِ ديدار سلامت.

(٣) آسمان ۾ اڏامي ٿو پکي ڪا آرزو کڻي،
چاهي ٿو پريوار ۽ سنسار سلامت.

(٤) گلشن جي عنايت آ، خوشبوءِ دلڪشي،
قائم رهي فضا ۾ بهار سلامت.

(٥) ڊاڪٽر جي خوشي آهي مريضن جي گهٽائي،
رفيق رهي عشق جو بيمار سلامت!

غزل

(۱) گلشن ٻٽيو آ گلابي گلابي،
زمانو ٻٽيو آ شرابي شرابي.

(۲) خوشبو ڦهلي غضب جي فضا ۾،
جوانيءَ ۾ آئي بيتابي بيتابي.

(۳) حسن پي رهي ٿو اکڙيون جهڪائي،
حيا ڪان ڪري ٿو حجابي حجابي.

(۴) رفيق عشق ٻڌجو رهيو شاعريءَ سان،
ڪٿي ڪين ڪائي لوابي لوابي.

غــزل

(١) هي ساز ٻي آ تنهنجو آواز ٻي آ تنهنجو،
دل جي اڏامڻ جو پرواز ٻي آ تنهنجو.

(٢) جيئن جيئن تو تون چوائين، تيئن تيئن تو چوان مان.
هر گيت ۽ غزل جو انداز ٻي آ تنهنجو.

(٣) تو ئي ڏني زباني، تو ئي ڏني رواني،
منهنجي خيال دل ۾ آغاز ٻي آ تنهنجو.

(٤) هر حسن جي اکين ۾ ڇا ناز ٻي آ تنهنجو،
محبوب جي نظر ۾ ڇا ناز ٻي آ تنهنجو.

(٥) ڪوئي چوي غزل آ، ڪوئي چوي ترانو،
رفيق جي قلم ۾ ڪوئي راز ٻي آ تنهنجو.

غزل

(١) تون حسين، تنهنجي ادا ڇا چئجي؟
تنهنجي صورت خوشنما ڇا چئجي؟

(٢) جيڪو توکي ٿو ڏسي، ڏسندو ٿو رهي،
تون خوبصورت آهين، مه لقا ڇا چئجي؟

(٣) تون زندگيءَ لاءِ نئين آڻين ٿي فضا،
تون زندگيءَ جي گلشن لاءِ باد صبا ڇا چئجي؟

(٤) تنهنجي نگاهن جو نشو بڻجي ڇلڪي ٿو شراب،
تنهنجي اکڙين مان ٽپڪي ٿو آب حيا ڇا چئجي؟

(٥) مرڪ تنهنجي ٿي موهي رفيق ۽ تون،
مريض عشق لاءِ شفا ڇا چئجي؟





ايم. رفيق، جيئن مان سڃاڻان



ايم. رفيق جو اصلي نالو منو جميتراءِ رامچنداڻي آهي. اتر سنڌ جي سکر ضلعي جي تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ سندس جنم ٢ ڊسمبر، ١٩٣٠ ۾ ٿيو. کيس شعر لکڻ جي قدرتي ڏات آهي. اڃان اسڪول ۾ پڙهندو ئي هو جو ايم رفيق شعر ۽ ڪويتائون لکڻ شروع ڪيون.

سندس دور جا ٻيا شاعر هئا ڄري هري درياڻي دلگير. گورڌن محبوباڻي ڀارتي، ڄهامنداس مسافر. انهن ٽنهي شاعرن جون ٻال رچنائون ۽ ايم رفيق جون ٻال رچنائون ڪراچيءَ ۾ ڳاڏي کاتي مان ٻارن لاءِ نڪرندڙ ماهوار 'گل ڦل' ۾ شايع ٿينديون هيون. سندس هڪ رچنا 'بوٽ سليپر ڪارو ڪارو' اڃان به سنڌ جي ياد تازي ڪندو آهي. تن ڏينهن ۾ ٻالڪ ڪي منو جي، 'مستان' سڏائيندو هو.

سنڌ ۾ هيس مان مستان، هاڻي رفيق ٿيان.
ٻڌجي گل گلستان، سڀ جي قريب آهيان.
ڪوئي چمي ٿو چاڊ مان، زلفن ۾ سجائي ڪوئي
رفيق آءٌ انجان، شاعر عجيب آهيان.

ورهاڱي ڪانپوءِ ڪلياڻ ڪئمپ ۾ رهيو. خيالن ۾ پختگي اچڻ سان سندس شاعري ۾ اڌام اچي ويئي. ڀارت ۾ پنهنجو تخلص ڦيرائي 'مستان مان' رفيق ڪيائين. سندس رچنائون ان وقت جي 'نئي دنيا' ۾ رفيق جي نالي سان ڇپجڻ لڳيون. هت هي صاحب ترقي پسند شاعر ٿي ويو.

اسٽالن جي موت ڪانپوءِ ۽ ڪرشچيوف جي منهن ڦٽ ٿيڻ ڪانپوءِ مان سمجهان ٿو نا اميد ٿي ويو. مايوس ٿي ويو. سندس، 'جنهن مت جو پوئلڳ هو' وشواس نڪري ۽ ٻالڪ به بند ٿي ويو.

وقت پٺي جيئن ڀرندڙ جبل جيئرو ٿي اٿندو آهي. ايم رفيق وري جاڳيو آهي. ٻالڪ چوندو آهي. ته تازو ڪو سندس زندگي ۾ روشن منارو ٿي آيو ۽ راهه ڏيکاري ويو.

اڄ نئين جواني آئي آ.
نغمن جي رواني آئي آ.
جذبات جو شاعر جاڳي اٿيو.
بي خود جي زباني آئي آ.

اميد ته ٻالڪ به سنڌين ۽ سنڌيت جو روشن منارو ٿي راهه ڏيکاريندو.

— لڇمڻ ڪڪڙيجا 'مسافر'